# ڪيڙيل ڌرتي

ڪهاڻيون

*Kherial Dharti*

(Short Stories)

سندري اُتمچنداڻي

Sundri Uttamchandani

www.sundriuttam.com

www.sindhisangat.com
Download free Sindhi movies from
www.sindhisangat.tv

# فهرست


- اَٻالي
- من جي ڳنڍ
- بي رخي
- جيئنداڻي مري وي
- ڪيڙيل ڏرتي
- نئون زمانو
- ٿنهنڪان تہ ڏيڪاريون نہ ها
- وچ ڏاڪڻ تي

# لَٻالي

چندر لوڪ بلڊنگ ۾ اچي پاريتيءَ جو رهڻ ٿيا هو. جنهن پارپتيءَ کي پيار سان پالي سڏيندا هئا، سا اچانڪ ئي لٻالي ٿي پيئي.

مٿس لٻالي نالو رکڻ واري هئي هڪ وڏي عمر جي پريل پرڪم عورت. هن جڏهن پهريون ڀيرو پاريتيءَ کي چندر لوڪ سوسائٽيءَ جي باغيچي ۾ بينچ تي وينل ڏٺو، تڏهن ڦٽاڪ سان پڇيائين، ”ائي شاميءَ جي جاءِ ۾ تون اچي ويني آهين نہ ؟“

ڪنڌ سان ”ها“ ڪئي پاريتيءَ.

”تون آهين تہ شادي ڪيل نہ؟“

ٿوري مرڪ منهن تي پکيڙي ذرا شرمنجندي پاريتيءَ چيو، ”ها“.

”تہ هھڙي لَٻالي لَٻالي ڇو پيئي لڳين؟“

”خبر ناهي“. لٻاليءَ جي وات مان نڪري ويو.

”شامي تنهنجي ناني هئي نہ؟“

وري بہ ننڍڙي ”ها“ فقط ڪنڌ سان ڪئي لٻاليءَ.

”شامي تہ لڪاپتڻ هئي. تو لاءِ فقط هي جاءِ ڇڏي ويئي؟ ٻيو ڪجھ بہ نہ؟“

ڪنڌ لوڏي اڪيون هيٺ ڪري لٻاليءَ چيو، ”نہ ڪجھ بہ نہ. “

هڪ ننڍيءَ ٻيبيءَ اچي چيو، ”ممي ياءُ ماري ٿو“.

”لئي تہ توکي بہ ٻار بہ آهن؟“

لٻالي بينچ تان اٿي ڌيءَ کي آڱر پڪڙائي، پريان بيٺل ٻار کي وڃي هنج ۾ ڪٽي ورتو.

”ڇو ڀلا تون ڀيڻ کي ڇو ٿو مارين؟ مالان توکي؟“

ٻار ٻانهون ڪٽي ماءُ جي ڳلي ۾ وڌيون. لٻالي ڌيءَ کي هٿ کان وٺي گھر ڏي

هلڻ لڳي.
پنيان سڏ ٿيو, ”اٻالي او اٻالي. “
اٻاليءَ کي هڪ منٽ لاءِ به ويچار نه آيو ته هوءَ ان نالي واري ڪانه هئي.
يڪدم ڪنڌ ورائي بينچ تي وينل ڀاري پرڪم عورت ڏي نهاريائين.
عورت هٿ جو اشارو ڪري اٻاليءَ کي سڏيو. اٻالي آئي ته هن ڪيس هٿ کان چڪي بينچ تي وهاري ڇڏيو.
”خبر نه ڪر مني, شاميءَ جي ڏيءَ نه تنهنجي ماسي آهي نه اها نه شاميءَ جي موت تي آيل هئي, تون نه ان وقت ڏسڻ ۾ ڪانه آئين؟“
”منهنجا ٻئي ٻار ٻي چاڪ هئا. پاڻ نه هئا ئي ڀوپال ۾. ڪين خبر ئي پوءِ پيئي..“ چوندي اٻاليءَ جون اکيون ڀرجي آيون. ننڍڙي ٻارڙي ڪيس اڳر کان چڪڻ لڳي. اٻالي اٿي هلي ويئي. عورت ڪيس ڪين سڏيو. اصل ۾ هاڻي بينچ تي چندر لوڪ ڪالونيءَ جون ٻيون ٻه ٽي ڄڻيون اچي وينيون هيون.
اٻالي پنهنجي گهر ٿئين ماڙي تي پهچي, اسٽو ٻاري ٻارن کي چانهه ڍڪ ٿاهي ڏنو نه پاڻ به پيتائين. رنڌڻي جي دريءَ کان ٻاهر آڪاس ڏي نهاريائين نه نيڻن ۾ ڊار پئجي ويس. پوئين سج مٿان هلڪن ڪپهه جهڙن بادلن پئي ٻنا سڪان تار تريو... اوهه ڪهڙو آهي هي ٻانڪپڻ منهنجي سيني ۾. ٻنهي هٿن سان پنيان ٻڌل وانگورو ڪولي ڊگهن وارن کي ڪٽي چندڪار ڏنائين, ”مان نه جڻ مان ئي ناهيان, جڻ ڊگهن وارن واري هڪ ائڪٽريس......“ چپ کي چڪ پائي چيائين, ”نه جڻ هڪ ڊگهن وارن واري ديوي پواني آهيان, يا پهاڙ جي ڪنهن چوٽيءَ تي بيٺي آهيان ۽ هيٺ آهن باغ باغيچا, جن ۾ انيڪ ڪراڙيون روئي رهيون آهن, پنهنجي گذري ويل جوانيءَ تي... يا منهنجي هن سونهن تي...“
مگر ڪن ڪٽڻ اندر ئي مور جون اکيون پنهنجي پيرن ۾ جهڪي ويئون. آهه

هنج ۾ ڪنيو. پيار سان ڳل چمي ڪڍي ڇاتيءَ سان لاتائينس.
”۽ مونکي؟“ملڪاليءَ جي ڌيءُ اچي گوڏن سان چنبڙيس. ”ملڪاليءَ ان کي به ڪڍي ڪري چمي ڏني.
مٿان اچي پهتو هرڪشن. چيائين، ”چو ٻئي تنهنجون اکيون آليون پيئون لڳن؟“
ملڪالي جن ڳوڙهن کي روڪي رکيو هو، سي به لاتون ٻڌي ڳلن تي وهي آيا.
هرڪشن ٻارن کي ٿول شيون ڏينديملڪاليءَ جي به ڳچيءَ ۾ ٻانهن ورائي ۽ چيو، ”اُڙي سڪن جا ڏينهن آيا اٿيئي تم پيئي ڳوڙها ڳارين...“
ملڪاليءَ چيو، ”سڪن کي هٽي لنگڙو ڪري ويئي نه اها منهنجي ماسي، جيڪا پاڙي واري اچي سا چوي هتي تنهنجي نانيءَ جو ٽيپ رڪارڊر هو، هتي وڏي شاهي ٽي وي رکي هئس، هتي جهولڻو پيل هوس.“
هرڪشن ٻرلبر ڪيترو وقت انهن شين کي اکين ۾ ڏسندو رهيو. نانيءَ وٽ اڳي جڏهن به آيا هئا، تڏهن نانيءَ کين خرچيون ڏنيون هيون. هرڪشن کي پاسي ۾ وهاري مٿو چميو هئائينس ۽ چيو هئائين، ”پٽ ٻئي ويهي سانهه ستيءَ سان ڳالهه ڏيو ها ونو ها.ڪين اوچتو گم نه ٿيو ها. ڪورٽ جي شادي نه ڪريو ها ته اسين توهان کي هيڏو پري سنڌونگر ۾ ڪونه رهڻ ڏيون ها...“
”.... امان اسين اتي به تمام مزي ۾ آهيون. رڳو اچ وڃ تي ٽرين ۾ وقت ٿو لڳي ۽ ٻار سويلائي سمهيو پون. سندن رانديون روندیون انگل آرا ڏسڻ جو موقعو ڪونه ملندو آهي.“
نانيءَ چيو، ”چيم نه مڙيوئي آهي نه تڪليف. هيڏانهن، مون وٽ ٽيپ رڪارڊر، ٽي وي، ريڊيو، مٿان موٽر در تي، پر ڪو ماڻهو وارو ڪونهي. ٽئي پٽ رسن وسن آميريڪا ۽ انگلنڊ ۾. مان آهيان اڪيلو سر، نوڪرن جي حوالي.

توهين ويجها هجوم تہ جيڪر چوان ڪوتہ منهنجا هيڏا هسل ماڻي چوري وينو.“

هرڪشن چيو هو، ”اما توهانجي پٽن ٽيئن کي اسانجي شادي منظور نہ هئي پوءِ ڇا ڪريون. تنهنجي ڪرشن ڀڳوان جي سيدرا، تنهنجي گووردن ڌاريءَ جي رڪمڻي، اهي بہ پنهنجا گهر ڇڏي هلي ويئون هيون نہ پنهنجي گهوٽن جي گهر...“

”هئو هئو.“ ڪنڌ لوڏي امان چيو هو. شايد اها ڳالهہ ڪيس موم ڪرڻ لاءِ ڪافي هئي. جو مرڻ وقت جاءِ هرڪشن جي زال جي نالي لکي ويئي هئي.

خيالن کي پري اڇلي، هر ڪشن چيو، ”ڪجهہ ٿيو هاڻي هتي ريل جي سفر جو وقت بچي ٿو، تہ ٿوري محنت ڪري ڪا ايجنسي بہ ايجنسي کڻي ڪري، ٿورو پاڻ کڻي وٺنداسين.“

ملہالي ءَ نماڻيون اکيون مٿي کڻي چيو، ”في الحال تہ هتي جي زالن منهنجو نالو کڻي ملہالي رکيو آهي. سنڌونگر ۾ تہ مان راڻي هيس. منهنجي وارن جو وانگورو، منهنجي ڪپڙن جون ڊزائينون، اوڙي پاڙي ۾ خاص ريس لڳندي هيون ۽ هتي تہ ڪنهن کي ڏکها وار رکيل ئي ڪونهن، مان بہ ڪٽائي ڇڏينديس...“

”نہ نہ. متان ائين ڪيو اٿيئي.“ چوندي هرڪشن زال جا ڏکها ڪکا وار کڻي پنهنجي ڳلن سان لاتا، ”ههڙا پشم جهڙا نرم وار... متان ڪٽايا اٿيئي.“

ملہالي ءَ اکيون کڻي هرڪشن جي اکين ۾ ڏٺو. سندس ساهہ کي وارن مٿان آروس ڪندو محسوس ڪيائين تہ مٺ جيان ڳري پيئي. ڪجهہ وقت هرڪشن سان لڳي ويني رهي... پوءِ ڏکهو ساهہ کڻي اٿي ڪڙي ٿي ۽ وڃي ڪم ڪار کي لڳي.

روئي ڪڪيندي هرڪشن چيو، ”پالي تون مڙيوئي خوش ناهين هن جاءِ ۾... شڪل تہ ڏسُ ڀارهوئي لڳي پيئي اٿيئي... حقيقت ۾ تنهنجي ڪلڻ ۾ ڀہ مونکي تہ روئڻ پيو ڀڏڻ ۾ اچي...“

”ڏسو توهين مونکي پارپتيءَ مان پالي ٿا سڏيو ۽ ڪالونيءَ وارين اصل نالو ئي ملٻالي ڪري ڇڏيو آهي منهنجو . ڇو؟“

هرڪشن ڪڪڻ روڪي چيو، ”ڇو؟ ڇو جي توکي خبر هوندي.“

ٻرملٻر مونکي خبر آهي. هي زالون خوب مٺيا ٻڪين ٿيون. روز نوان وڳا ٻڪين ٿيون. مون وٽ تہ اهڙو ڪجهہ ڪينهي ۽ ...“

”۽ ڇا؟“

”۽ هو روز ڳالهيون ڪن نوڪرن جون نوڪرياڻين جون. انهن جيٻي ايمانيءَ جون، چوريءَ جي عادتن جون. درزين جي سبڻ جون يا وري ٽيوي پروگرامن جون...“

هرڪشن ڪڪي اٿيو تہ گيندبيءَ وٽ گرڙي ڪنديٻئي ڪمري ڏي نظر ڦيرايڪين تہ ڏڪين ٻئيٻار رانديڪن وچ ۾ سمهي پيا آهن.

اندر اچي پاريتيءَ کيٻانهن ۾ پري پلنگ تي ليٽڪي چيڪين، ”منهنجي پاليءَ وٽ جيڪي آهي، انجي اڳيان تہ هرڪا عورت ملٻالي آهي. “

# من جي ڳنڍ

لڪين تہ منهنجو گھر ڪو تمام مٿيون ڪين هو، پر تڪڙ هئي انڪري هيٺئين فلئٽ (گرائونڊ فلور) واريءَ ارونا کي چيم، ڪئي ٿيهہ رپيا هجني تہ ڏينم، پوءِ مٿان آڻي ٿي ڏيانءِ. منهنجو گھوٽ وڃي ٿو ڪار ۾ پيٽرول پرائڻ، ان لاءِ کپن. "

ارونا يڪدم سوَ جو نوٽ اچي مونکي ڏنو. مون بلڊنگ جي ڪمپائونڊ ۾ وڃي جڏهن سو جو نوٽ پنهنجي گھوٽ کي ڏنو، تڏهن هن مرڪي چيو، "مائي تہ وڏيءَ دل واري ڇڪبي جو ٿيهن رپين بدران سو جو نوٽ ڪڍي ڏنائين. "

واپس اچي ارونا کي پنهنجي مڙس جي ڳالهہ ٻڌايم. ارونا جي پير ۾ سندس ٻي پاڙيسرڻ ديوي ويٺي هئي، انهي چيو، "ورشا راڻي، تون تہ اسانکي سڃاڻين ڪانہ ٿي. اچي ٻہ گھڙيون وهين تہ خبر پوئيئي ڪيڏا تاڪيا وڏي آهي اسانجي دل. " مون کي هي ٻئي زالون وڻيون.

ٻئي ڏينهن ساڳيءَ مهل تي اٽڪل ڏهہ لڳا هوندا صبح جا، جو ارونا کي سو رپيا موٽائڻ ويس. ارونا کلي چيو، " ڇو پڇي ٿي ويا ڇا رپيا؟"

مون چيو، "منهنجي سس تہ مٿو ڪٽي ويئي هئي تہ جلدي هيٺ پئسا موٽائي اچ. مائيءَ سڄي رات مٿان ننڊ ئي نہ ڪئي هجي"

ارونا خوب ٽهڪ ڏيئي کليو. مٿان چيائين، "سسٽين کي ٻين ۾ وشواس ڪونهي ڇا؟"

ارونا جو لڪين چوڻ ۽ منهنجي اکين مان جهر جهر نير وهڻ. ارونا تڪڙ ۾ ديويءَ کي ٻہ سڏ ڪيو پوءِ وينيون ٻئي مونکي پرچائڻ ۽ کلائڻ.

مٿي آيس تہ سس چيو، "هيڏو وقت لڳايئہ، مائيءَ جهيڙو ڪيو ڇا تہ...؟"

مون سس طرف ڏٺو. هيءَ هئي وشواس جي اڳنيءَ جو ٿيو ۽ تصور ڪيم هيٺ وارين ارونا ۽ ديويءَ جوهڻي زالون ڪيڏيون نرمل، ٿڌيون ۽ خوش دل ٿي لڳيون.

ٽئين ڏينهن به ساڳيءَ مهل تي مان مڙس سان گڏ هيٺ لهي ويس. زندگيءَ ۾ هي پهريون پيرو هو جو سس کي ڪين ٻڌايم ته مان گهر ڇڏڻ کان ٻاهر قدم ڇو ٿي رکان.

ديوي به ارونا جي گهرويني هئي، اتي هڪ ٻي به زال هئي. ديويءَ چيو، "ورشا، هن کي سڃاڻين؟ هيءَ ڪرشنا آهي، سامهون واري فليٽ ۾ رهندي آهي."

مون چيو، "چڱو وجان ٿي."

"وڃين وري ڪيڏانهن ٿي؟ ٻانهن کان ڇڪي ارونا ڪٽي مونکي ڪرسيءَ تي هنيو. ويهه هتي ٻيڪارن جي دفتر ۾ جيڪو آيو. انکي اڌ ڪلاڪ ڊيوٽي ڏيڻي ٿي پوندي آهي."

ديويءَ چيو "ها ڊيوٽي ڏيڻي ٿي پوندي آهي."

"۽ هوءَ سس ٻلي مٿي ويني..."

"اسانکي به گهر جو ڪم وينو ياد ڪري." ڪرشنا چيو، "گهاٽ کي اوپر، گهاٽ کي اوپر" ديويءَ ڪرشنا کي ڇهنڊڙي پلئي چيڙ ڪئي. مان ولڪڙي تي ڏسڻ لڳس ته ارونا چيو، "هيءَ اسانجي ڪرشنا آهي صفا اڻ پڙهيل، سو اهڙا گفتا ڳالهائيندي آهي جو ڪيڏا ڏينهن پيا کلندا آهيون. کلهه سندس ماسي آئي هئي. ديويءَ پڇيس ته ڪٿان آئي هئي، ته چيائين، "گهاٽ کي اوپر مان." ويچاريءَ کي گهاٽڪوپر چوڻ ڪين آيو. هاڻي ديوي آهي جا ويني ڪٽ ڪريس."

مون چيو، ”پر آهي ڏاڍي سٺي، خفي ته ٿي ئي ڪين ٿي.“
ارونا چيو، ”پلا اهو ته ٻڌاءِ تون ڪيئن ڪڙي سهڻي، صاف سٿري، پر خفي ٿيل اهڙي پيئي لڳين جو ڪجهه منوئي ڪين ٿو لڳيئي. اسين ته روز 10 کان 10:30 تائين، هي جيڪو ٻيڪارن جو دفتر کلندو آهي، ان ۾ اچي وهڻ لاءِ واجهائيندي يون آهيون ۽ تون آهين جا پيئي پڇين.“
منهنجو من گهڻو ٿي ويو هو ٻنا ڪنهن احساس جي چيم، ”ٻيڪارن جو دفتر ڪيئن؟“
ديويءَ چيو، ”ٻيڪارن جو انڪري ٿا چئون جو هي اڌ ڪلاڪ ڪوبه ڪم ڪار ڪرڻو ناهي. فقط ڪل خوشيءَ ۾ گذارڻو آهي.“
”ڪل خوشيءَ ۾ گذارڻو آهي؟“ مون چيو.
ڪرشنا منهنجو هٿ پڪڙي چيو، ”چو ڙي؟ اهڙي اداس منهن سان چو ٿي چوين ڪل خوشيءَ ۾ گذارڻو آهي؟...“
”نصيب ۾ ڪل خوشي آهي ئي ڪين.“
ڪرشنا منهنجو نراڙيءَ تي پنجئي آڱريون رکيل هٿ هيٺ لاهي چيو، ”پاڻ ته آهن تنهنجا، موٽر در تي، فليٽ پنهنجو، سس، سهرو، پٽ، ڌيءُ ۽ ڪمائيندڙ مڙس تنهنجي گهر ۾ ٻاقي توکي کپي ڇا؟“
ديوي ڪلڻ لڳي، ”ماڻ ٻڌايانءِ هن کي ڪهڙي ٻيماري آهي؟“
ديويءَ جي ڳالهه ٻڌي مان شڪجي ويس. الائي منهنجي مسئلي جي خبر ته نه پئجي ويئي آهي پاڙي ۾. دل دڪ دڪ ڪرڻ لڳي.
ارونا چيو، ”ڏس ورشا تون خود جيسين پنهنجو دک نه ٻڌائيندينءَ تيسين ڪوبه انترڀامي ڪونهي جو تنهنجو دل لاهي سگهي.“

ارونا جي چوڻ جو انداز اهڙو هو جو مان هڪ وار من چلڻ لاءِ تيار ٿي ويس. پر وري پاڻ کي سنڀالي ورتم. چو ته چوندا آهن: ڪاتي ڪري گدريءَ تي ته به گدرو مَنو؟ ۽ گدرو ڪري ڪاتيءَ تي ته به گدرو مَنو.

ديويءَ چيو، ”ورشا توکي منهنجو ڪلڻ دل ۾ ته ڪين ٿيو. واقعي ماڻهو ڪڏهن حالتن سبب ڪڏهن وري من ۾ ڪا ڳنڍ اچي وڃڻ سبب دکي ٿيندو آهي.“

مونکان تڪڙ ۾ نڪري ويو ”ڳنڍ؟ . . . من ۾ ڳنڍ ٻڌجڻ . . .؟“

هاڻ ٿنهي سڪين ڪٽي مونکي پڪڙيو. چون، ”هاڻ توکي مور ڪين ڇڏينداسين. پلا اسين ٻيو نه ڪري سگهون ته من تنهنجي دک کي همدرديءَ سان ٻڌي تنهنجي من جو اقبار ته لاهي سگهنديونسين.“

مان ولڪڙي ٿي، هنن ٽنهي ڏانهن واري واري سان ڏسندي رهيس. ارونا جي منهن ۾ نهاريم، هوءَ مرڪڻ لڳي، سندس اکين ۾ جل پرجي آيو. من ۾ سوچيم: جيڪا زال منهنجي دکي حالت ڏسڻ سان ايتري همدردي ٿي ڪري، سان منهنجو دک ٻڌڻ سان ته شايد مونکي پاڪر پڪي دکي لاهي ڇڏيندي، يا شايد روئي پوي منهنجي ڳالهه تي. ڪيترو وقت من سان هٽي هٽي آخر چيم، ”منهنجي سس کي شڪ آهي ته مان پنهنجي سهري سان نهيل آهيان.“

ڪن لاءِ هي ٽيئي سڪيون شانت ٿي ويئون. ڪمپڪونڊ ۾ ٻارن جي راند جو سماع پيو. ”ٿڌا منا قاروڻان“ گهورڙيو ٿي چوندو ويو.

منهنجي اکين مان هاڻي اهڙو ڪي ڪرڻ لڳو جيڪو نه پاڻي هو نه رت. عجيب وياڪلتا اکرن جو روپ ورتو. چيم، ”مونکي توهين غلط نه سمجهجو مان ٻلڪل نرليپ آهيان. ٻلبل کي مون سپني ۾ به ڪڏهن غلط روپ ۾ نه ڏٺو آهي. مڙس منهنجو ته ڏٺو اٿو ڪهڙو نه ٻي مثل مٽيو آهي. سندس سونهن

اڳيان نہ مان بہ ڪي ڪين آهيان...“

اروناَ منهنجي وات تي ڪٽي هٿ رکيو. ”نہ چئہ مني، اسين ٿيئي دنيا جي چال ڪي ڄاڻي ويٺيون آهيون...“

سندس هٿ هٽائي، مون رڙ ڪري چيو. ”پورا نو سال ٿيا آهن مونکي. رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي رهي آهيان، پر ڪو فرق نہ پيو آهي.“

ديويءَ چيو، ”نو سال پوءِ تنهنجو مڙس توکي جدا ڪري ٿو ڇو وهاري؟“

مون ڪٽي ديويءَ جا هٿ پنهنجي مستڪ تي ڇهايا. ٻُس ٽئين ڪو ڪري مون لاءِ ٻن ٻارن جي ماءُ آهيان. ڪٿي جهنگ ۾ بہ هلي وهاريندم تہ بہ هن شڪ جي قيد مان ڇوٽڪارو ٻيئي مان نهال ٿي ويندس.“

ڪرشنا پڇيو، ”مرد تہ هميشه پاڻ کي زالن کان عقل وارو سمجهندا آهن، پوءِ ايتري ننڍي ڳالهہ تنهنجي مڙس کي سمجهہ ۾ نٿي اچي؟“

”مني هڪڙي پٽ آهي نہ منهنجي سس جو. هوءَ چوي ٿي ماءُ تہ وري ڪانہ ملندءِ. جويون تہ ٽڪي ٽيهہ ٻہ سي ويهہ ملنديئہ... هٽي خاندان ۾ پٽ نہ ويڪجانءِ. ڇڏي اچ انهيءَ ڪنيءَ ڇوريءَ کي پيڪن ۾ ٻس منيون مان جا ڪڪڙ جي اڌ ڪيپل سسيءَ وانگر لٽڪي پيئي آهيان مڙس کي ٻہ ٻار ڪٽي ڪيڏانهن ويندس، ويچاري کي ڏنيياں بہ ڏاڍو ٿي. ويچارو جواب مونکي بہ ڪين ڏئي تہ ماءُ کي بہ ڪين ڏئي.“

گهڙيال ساڍا ڏهہ ٿي هنيا، جو اروناَ اٿڻ لڳي. چيائين، ”دل جاءِ ڪر، روز هتي اچ تہ پاڻيهي راهہ نڪرندي. تنهنجي من جي ڳنڍ ڇڙي تہ ڏس ڪيئن نہ ٿي سک جو ساهہ کڻين. مونکي مڙس جي روٺيءَ جو ڊپ موڪلڻو آهي، مان تہ هليس رنڌڻي ۾.“

ان ڏينهن مٿي گهر ۾ گهڙيس تہ سس پڇيو، ”ڪيڏانهن ويئي هئيئن؟“

هو تہ لڳو هاڻي ڦٽبہ چٽيءَ ويندو.
ٻئي ڏينهن صبح جو سنان ڪري سنا ڪپڙا پاتم. سس پڇيو، ”ڪيڏانهن ٻاهر وڃڻو اٿيئي؟“
مون وراڻيو، ”ڪپڙا سپ سڙي ويندا ڪيترا سال جو پاتا ڪين اٿم تہ..“
انهن اکرن اندر جا ٽوڪ لڪل هئي تہ سس ٻڌائي تنهنجي شڪن سڀ ٻئي تہ ڪين پڪيندي آهيان سنا ڪپڙا، سو سس ٻڌيءَ جي اکين ۾ شور پرجي آيو.
مونکي تہ ٻيڪارن جي دفتر ۾ پهچڻو هو، سو گهر جا ننڍا وڏا ڪم جلدي جلدي پورا ڪيم ۽ هيٺ لهي ويس تہ سس آواز ڪيو. پر مون ٻنا جواب ڏيڻ جي دروازو ٻيڪڙي ڇڏيو. هيءَ جريت مون پهريون ڀيرو ڪئي هئي. سا ارونا، ديوي ۽ ڪرشنا کي اچي ٻڌايم. ٽنهي هڪٻئي جي هٿن تي ۽ منهنجي هٿ تي تاڙي هڻي منهنجي انهي سوڀ جي ڏاڍي ساراهہ ڪئي. ڪپڙن جي ساراهہ ڪيئون. چيومان، ”ههڙا تہ گهٽيئي ڪپڙا پيا اندر سڙن پر پايان ڪين، جو سس چوندي اٿم: اڄ تہ ڪنهن لاءِ ويس وڳوبہ ڪيو اٿيئي. “
”۽ هاڻي؟“ ارونا پڇيو.
”هاڻي توهان اهڙي ڪا چلبي ڏني آهي جو من ۾ اچي ويو اٿم تہ جهان مان سنا ماڻهو ڪونہ ويا آهن، جيڪي منهنجي پوترتا ۾ وشواس ڪن.“
ڪرشنا تہ منهنجو رئو ڪٽي منهن تي ڇهلي چيو، ”سدائين ههڙا نرم ۽ سڳنڌ وارا ڪپڙا پاءِ، ڪيڏي وڻين پيئي.“
انهيءَ وڻڻ جون تہ گهٽيئي ڪٿائون هيون منهنجي شاديءَ کان اڳ جي سکين ساهڙين ماروٽين ماسانن وغيره جون. پر جڏئي هيءُ شڪ جو چنڊ گرهڻ منهنجي مٿان لڳو هو، تڏئي سيني وٽ اچڻ وڃڻ ڇڏڻ ڇڏڻ جي ويو هو.
هنن سکين ڏاڍي چاهہ سان منهنجو اهو ڪنواري هوندي وارو ٻاٻ ٻڌو. مان

تہ پاڻ ڪي وري ان وڻن وڻڪڻ جي دنيا ۾ داخل ٿيل محسوس ڪري بس ٿڙي پيس.
ديويءَ پڇيو. ”تنهنجا ٻار هيٺ ڪمپائونڊ ۾ ڏسبا ڪي ڪينهن، ڇو ڀلا؟“
مون چيو، ”مانڊي لاش تي پيئي هئس تہ ٻار ٻه اڏ مڻا ٿيا پيا آهن. ڪلن ڳالهئين تہ ماري رکان.“
ديويءَ ڪلي چيو، ”سس سهري ڪي ٿاپ وجهڻ لاءِ؟“ ڳالهہ ٽوڪ جي هئي پر اهڙو ڪلي ۾ پنهنجائپ سان چيل هئي جو مون به ڪلي ان جو سچ مڃيو.
ارونا چيو، ”اهو ڪي سمجهين ٿي تنهنجا ٻار انهيءَ گهر جي گهيپيءَ ۾ اندر وينا موڳا ٿي پوندا. روز نيم ڪري ڇڏ ٻارن کي ٻين ٻارن سان راند ڪرڻ لاءِ هڪ ڪلاڪ ئي سهين. روز هيٺ موڪل. نہ تہ اها پيلاڻ ٻارن جي منهن تي جا مان ڏسان ٿي، سان هڪ ڏينهن سڪي يا سلهہ جو روپ وٺندي دير ڪين ڪندي. “
ڪرشنا منهنجي پٺيءَ تي ڏڪ هڻي چيو، ”اڙي پهرين پاڻ تہ پاڪي انهيءَ شڪ جي گرهڻ کان آجو ڪري.“
”نہ نہ منهنجي ڪري ويچارا ٻار ڇو ڪل خوشيءَ کان محروم رهن. مان خود شام جو هيٺ وٺي اڇي ٻارن سان دوستي ڪرائيندي سان.“
سس ڏاڍو اعتراض ورتو. ٻار سنگت ۾ ڪرجي پوندا، راند ۾ ڪا ٽنگ ٻانهن ڀڃائي ايندا...“
مونکي الاجي ڪٿان ايڏي ٻي ڊپ ڪي اچي ويئي جو چيم، ”توهان جي پٽ وانگر تہ ڪين ٿيندا. جوڀئي جي دک سک جي سار لهڻ جي همٿ ئي نہ هجين.“
سس ٻڌيءَ جو وات ڦاٽي ويو. اکيون ڦاڙي پڇيائين، ”هي تون ٿي ڳالهائين؟

منهنجو پٽ ٻه توتان اول گهول پيو وڃي ته مڙس ٻه توتي اکن چڪن ٿي پيو آهي. سو ڪني ڪڪي اڄ تون ايتري ٻڪ ٿي ڪرين منهنجي اڳيان؟ رات جو اڇي مڙسنهن ته چوانس مونکي هڪ هڪاٽي ڪرٽي آهي...”

رات جو ٻر ٻلر پنيور ڪي ٻاهه لڳي ويئي. سس ٻهڪيءَ آخر چتاءُ ڏنو ته گهر ۾ يا ننهن رهندي يا سس.

مون ٻه زبان کولي، ”مونکي پيڪن ۾ ڪونه وڃڻو آهي. ڪمڪيندڙ مڙس جا ٻار ٻڪاري ٻنڪڻ ڪونه وينديس.”

سس ٻهڪيءَ چيو، ”ها ها جدا گهر ڪري وهاري اچينس. پر اهو ٻڌي چڏ ڪنن مڪٽن جي ڏي، منهنجو پٽ مون وٽ رهندو.”

”ها ها پلي رهي توهان وٽ. هيٺئي هڪ جاءِ خالي ٿي آهي، وٺي ڏيو مونکي.”

سهري جو ٻه وات ڦاٽي ويو. چيڪين، ”اڙي هيءَ ته ڦوٽي پيلياٽي ٿي ڳالهڪي؟”

سس سهري جا لفظ ٻڌي الاجي ڪئن مڙس کي غيرت لڳي، جو چيڪين، ”ٺيڪ آهي. دادا ٻارن جي پڙهڻ ڳڙهڻ لاءِ هون ٻه جڳهه سوڙهي آهي. اسين چارئي ٻئي فلئٽ ۾ وڃي رهنداسين.”

لڪين لڳو جڻ ٻاهه جي پنيٽ تي ڪنهن گيهه جو ٻو ڪٽي ليٿايو.

# ٻي رخي

نندني سهڻي گل جيان ماتا پتا جي باغ ۾ ڪڙي هئي. هن ٻه وس پچندي گلاب جل سان ڪيس اسرايو هو. چاچيءَ جي انقلابي پيڪيٽي جڏهن ويهن ورهين جي نندنيءَ جي سونهن طرف ڏنو ته ڪنڌ هيٺ ڪري پٽڪيڪين، "نندني تنهنجن ملڪيٽن ۾ ته ڪيرٻه تو جهڙو ناهي."

" مطلب ؟" نندنيءَ ذرا شرارتي غصو منهن تي آڻي چيو.

"مطلب؟..." ڪيائي ڪنهندي "تو جهڙو سهڻو" چئي، انقلابي اشوني ڪمار تڪڙو تڪڙو هليو ويو هو.

چاچي رڪيءَ سڏ ڪري چيو، "اڙي اشوني، ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

اشوني جواب ڏيڻ ٻنا هليوئي ويو.

"تو ڪجهه چيس چا؟" چاچيءَ نندني کان پڇيو.

"ڪجهه ٻه نه پايي." هٿ چندي نندنيءَ الٽي ڪهڙيءَ چوريءَ کان پاڻ کي آجو ڏيکارڻ ٿي چاهيو. "پرپايي توهان پنهنجي پيڪيٽي جو نالو اشوني ڪمار ڪيئن رکڻ ڏنو. اڳي ته ماڻهو اهڙا سهڻا نالا رکندڪي ڪونه هئا."

"رڳو نالوئي وڏيو اٿيئي ڪين پاڻ ٻه پسند اچي ويو اٿيئي؟" چاچي ڪين ڪلي چڻ گلاب ٽڙيا.

"هه . . . " وريٻه هٿ چندي نندني منهن ڦيرڪي هلي ويئي.

جڏهن نندنيءَ لاءِ ماءُ پيءُ ور جي ڳولا ڪرڻ لڳا، تڏهن ڪنهن اشوني ڪمار جوٻه نالو ڪنيو هو. پر ڪيترو عرصو ته وڏن گهرن جي "سهڻي ٻانهن ڪپي." جي ملمعي ۾ پئي پيتڪيا. چو ته سهڻي ٻانهن سان ڳڏ انهن کي ڏاج ڏيوڻ ٻه

سهڻو ڪپندو هو، پوءِ سندن ڇوڪرا پلي ڪارا ڪلوٽا ڇو نه هجن. ڪن کي ته ڏسي نندني روئي پوندي هئي، آخر اشوني ڪمار جا گرهه زور ٿيا. نندنيءَ خود هڪ پيرو نالوبه ڪنيوبس پوءِ ته اشوني ڪمار جي خوشيءَ جو پار نه رهيو. رکي ته هن پاسي چاچي هئي هن پاسي پڦيءبنهي طرف سندس ماتري ڀاو هو. ڀاءُ کي چيائين، "ڏسج منهنجي ڌيءَ جهڙيءَ ڏيروٺ کي انقلاب جي بمر گولن ۾ نه اجلي ڇڏي اشونيبلبا هن گهر ۾ ته ريشم پٽ جيان پلي آهي ڇوڪري."

ڀاءُ ڀاڄائيءَ خاطري ڏنس ته نندنيءَ وارن کي چيائين، "منهنجو ڀائٽيو اٿو دنيا کان نرالو. پنهنجي امير چاچن چاچين جي اولاد کان اٽيءَ ويهڻيءَ ۾بلڪل ئي نيارو آهي. نندني ڌيءَ تون ڪڏهن سندسبين سان پيٽ نه ڪجانءِ. هي اٿيئي دل جي دولت جو مالڪ. اميرن کان امير."

مگر شاديءَ جي سفر تي نڪرڻ کانپوءِ نندنيءَ کي ڪٿي ڪٿي زبردست کوٽ محسوس ٿي. اشوني ڪجهه وقت نندنيءَ جي سونهن سوپيا ڏي ڏنو پر سندس غير رواجي جيوت جيئڻ جي شوق کانئس سيڪجهه ڀلائي ڇڏيو.

سماج شيوا جي آفيس سنياليندي گهر ته کانئس وسريئي ويو هو. ڪجي ڪجي آخر نندنيءَ هڪ ڏينهن چئي ڏنو، "اشوني تو ۾ زندگيءَ کي ماڻڻ جو چاهه اصلي ڪونهي."

"توسان شادي ڪرڻ منهنجو زندگي ماڻڻ جو چاهه ناهي ڇا؟ ۽ ڪمبه ته جيوت جو ڪو حصو آهي ڪين نه؟"

نندني رسي پيئي. اشونيءَ ته زندگيءَ کيباقيبيو موڙ ڏيئي ڇڏيو. هاڻ نندني هن لاءِ اها ڪين هئي. ڪلپنا جي ديوي، جا هن شاديءَ کان اڳ تصور ۾ آندي هئي. هاڻبنهي جي وچ ۾ هڪ اڻ ڏٺي ديوار ڪڙي ٿي ويئي. نندني

ٻوڙها ٻاڙيندي سوچڻ لڳي: اگر اهڙي تڪي نوع ۾ اهي لفظ نہ چوي ها تہ مان دل ۾ شايد نہ ڪريان ها. ڪيترو ڪجي ٿو ٻالهڪيءَ ٻاپ ڙي جڻ مون مان دل ڪٿي تي پيئي اٿس.

”دل ڪٿي تي پيئي اٿس.“ سوچڻ چا هوبس نندنيءَ جي ٻلن تان تاهہ تاهہ ٻوڙها ٻڙڻ شروع ٿي ويا.

اشونيءَ کي نندنيءَ جي روح راڙي جي ڪا خبر ڪانہ پيئي. صرف سندس لٿل منهن طرف ڏيان ويس تہ چار پيرا پڇيڪيئنس. ”گهر ۾ ڪنهن ڪجھ چيو اٿيئي چا؟“

نندنيءَ ڪنڌ هلايو. اشوني پاڻ پنهنجي ڪم مان فرصت نہ پئي پڪي سگهيو ان ڪري ذرا خفي هوبس ايترو سوچي تہ نندنيءَ کي گهر ۾ ڪنهن ڪجھ نہ چيو آهي. پنهنجي فرض اهڪي پوري ٿيل سمجهي. پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويو.

نندني سندس ڪاڏي پيتي جو ڏيانٻربلبر پئي رکيو. مگر ڪٿي ٿيل دک کي مني ڪرڻبدران پنهنجيءَ دل کي اشونيءَ طرف ڪٿو ڪري ڇڏيڪين. هاڻ هوءَ پنهنجي نڙانن. پينرن. ساهيڙين ۾ نئين سر چاهہ ونڻ لڳي. ڪيس ڏسي ساهيڙين کي اپار آنند حاصل ٿيو. چيڪون. ”اسان تہ سمجهو اشوني چا مليو اٿيئي. اصل اپ جو تارو مليو اٿيئي سو ڪانئس پلبہ پري ڪين ٿيندينءَ.“

هاٽي اشوني پاڻ وڏيک خفي ٿيڻ لڳو. چوي. ” ڪا نہ ڪا تنهنجي ساهيڙي يا نڙان پيڻ تو سان لٽڪيئي پيئي آهي. ڪجھ ڪم چوٽو هجي. ڪيڏانهن ٻاهر توکي وني وڃٽو هجي تہ چا ڪجي؟“

”ٻاهر وڃڻ لاءِ تہ مونکي چئو ڪين ٿا. “

”ڪيئن چوان تنهنجو من ان طرف هجيبہ نہ.“

نندنيءَ ڪي سڏ ڪري پاسي ۾ وهاري چيائين، ”نندن پٽ تو اڄ شايد خوب رنو آهي.“

نندنيءَ جي ٻُلن تان جهر جهر ڳوڙها وهڻ لڳا پر مک تي مرڪ اهڙي هئس جو چاچيءَ موهت ٿي پيئي. نراڙي چمي ورتائينس. پوءِ سان سندس اکيون اگهي چيائين، ”اهو سانوٽيءَ جو اساڪڙيءَ ۾ مينهن، مرڪ مٿان اکين جي جل جي پرلاءِ پلا ڪيئن بند ڪندينءَ؟“

نندني وڏيک ڦتڪڻ لڳي.

”سس لاءِ شڪايت اٿيئي؟“

نندنيءَ ڪنڌ سان ناڪار ڪئي.

چاچيءَ چيو، ”تڏهن توکي پنهنجون پينر، پيئنيون ٿيون ياد اچن، جيڪي سڄو ڏينهن ويس وڳا پيئون پائين لاهين، مينديءَ رتا هٿ ڪنيون پيئون ٿڻ ڪڍن...

اڄ سانوٽي سڀئي اچو پيڪن ۾ پچتا ڪيلين... ٽيجريءَ ۾ چوٽ جا ورت رکيو پيئون آنگاسيءَ تي وجيو چنڊ کي عرق ڏيئي چون— اير اير چندڙا...

اهڙي جيوت پيئي ياد اچيئي نه؟“

نندنيءَ وري ڪنڌ سان ناڪار ڪئي.

تڏهن چاچي ٿورو پريوڏ ٿيئي اٿي ڪڙي ٿي. ويندي ويندي اشونيءَ جي آفيس وٽان لنگهي ته اندر گهڙي اشونيءَ کي اشاري سان چيائين، ”سياڻي فرصت ڪجي مون وٽ اچج.“

اشونيءَ سوال ڀري نظر ڪئين ته چاچيءَ چيو، ”ٻس ٻئين وساري ڇڏيو اٿيئي داديءَ کي؟“

ٻئي ڏينهن تي اشوني گهر مان آفيس وڃڻ لاءِ هونءَ ڪان ڪلاڪ اڳٻئي نڪتو.

چاچيءَ هاءِ ياءِ ڪرڻ ڪان پوءِ سڌو ڳالهه جي ڳاٺي تي لهي آئي.

چيلئين, ”اشوني توکي خبر آهي جيڪو ٻار جنهن جي ڄمڻ کان ڦٽيل هوندو آهي ان کي اگر زوري ساڄي هٿ سان لکڻ سيکاريو ويندو آهي ته هو موڳو ٿي پوندو آهي؟“

”هوندو.“

”هوندو نه آهي, سيني من وديا جي ڄاڻن جو رايو آهي ته جئين وڻ کي سڌا ايرن کي ڦهلاءَ کان پوءِ ويڪري جاءِ وٺن ٿيون انساني سياڻپ ڪجهه قدرتي نموني جا آهن.“

”چڏ چڏ اجايون ڳالهيون. قدرتي نموني ماڻهن کي ڇڏي ڏجي ته جهنگلي ٿي پون. ماڻهن ۾ هجي ضابطو, ماڻهن کي هلائڻو آهي ڪنهن ڍنگ سان, نه ته هي ملڪ ۾ راڄ ڪاروبار ڇا لاءِ آهي.“

”اشوني اشوني تون ڳالهه کي ڇو نه ٿو سمجهين. راڄنيتيءَ ۾ به جيڪي شاعر جيل ۾ بند ڪيا ويندا آهن اهي جيڪي ڏيندا, پرٻئي جو ضابطو نه قبوليندا آهن... مونکي ته لڳي ٿو توکي ٻيو ڪو ويچار آهي من ۾.“

اشونيءَ ٻڪڙندي چيو, ”اڙي سڀ دوست هنجي ساراهه ڪن, ڇو انهن جو ڪير لڳي؟“

”او او اشوني. “ چاچيءَ ٻئي هٿ وڌائي اشونيءَ کي پڪڙڻ چاهيو. ڪلي چيلئين, ”اشوني توکي نندنيءَ تي حسد ٿو ٿئي؟“

”هان حسد ٿو ٿئي....؟ هن ٻيوقوف ڇوريءَ ڇوڪريءَ سان مان ڪندس حسد؟... تنهنجو دماغ به الاجي ڪٿي ٿو وڃي.“

”ڏس اشوني ڇوڪريون ڀاو ڀريون سهٽيون ۽ سمجهو ٿوريون آهن, ڇوڪرا گهٽا آهن. ڪا ورلي ڇوڪري نندنيءَ جهڙي ڏسندين. انکري هرڪو وينو انجي ساراهه ڪندو. تو ۾ ڀل ان کان وڌيڪ ڪجهه هجي, پوءِ به شايد ڇوڪرو هجڻ جي ڪري تون ايترو مان نه پائي سگهين....“

”اڙي چڏ چڏ. چگي دير پيئي ٿيندي وچي هاڻي هلون.“
چاچيءَ اشونيءَ کي چيو، ”هاڻي هٿ کول پهرين.“
اشونيءَ ٻه ٽي دفعا چوڪڻ ڪانپوءِ هٿ کولي وڌايو. چاچيءَ مٿس آڱر سان لکيو. ”پيار.“
”يعني؟ “ اشوني پڇيو.
”يعني تون نندنيءَ کي پيار ڪر، هنجي هرڪا ڳالهه توکي سک ڏيندي.“
”دادي، تون ٻه نندنيءَ وانگر ٿي ڳالهائين، چي: توکي جيوت سان لڳاءُ ڪانهي.“
چاچي اشونيءَ جي نراڙي چمي چيو، ”پٽ اندر ۾ جهاتي پاءِ، ڏيئي جي هيٺيان اوندهه هوندي آهي، پر سورج ته ساروئي پرڪاش هوندو آهي، ڪوئي جي ٻڙ کي ٻه روشن ڪندو آهي. تون ڏيئو ته پر پرڪاش آهين. “
اشونيءَ جي من ۾ سڄو وقت پڦيءَ جا لفظ پئي هليا، ”سورج ته ساروئي پرڪاش هوندو آهي.“
اچانڪئي اشونيءَ کي لڳو هيترا ڏينهن هو خبر ناهي ڇا ڇا سوچيندو رهيو آهي، دل تي هڪ پٿر جي ٻار کي محسوس ڪندو رهيو آهي. شام تائين ”سورج ته ساروئي پرڪاش هوندو آهي“ لفظن جي جا پنهنجو پاڻ مالها پئي جپجندي رهي، تنهن سندس وجود کي هلڪو ڪري ڇڏيو.
پڳڙن جي پڙي اشونيءَ جي هٿ ۾ ڏسي نندني وڪڙن جيان مڙس طرف نهارڻ لڳي.
”هان وٺ ڪاڻ نندني ڪيترا سال جو پڳڙا نه کاڌا آهن ته اڄ انهن مان سودا پيو اچي.“
نندنيءَ ٻه ٽي پڳڙا کڻي چيو، ”ٻرابر. “
رات جو سمهڻ مهل جڏهن اشوني ٽيبل لئمپ ٻاري، ڪتاب ٻه هٿ ۾ کين

ڪنيو. تڏهن وريبه نندني مڙس طرف وٺڙن وانگر ڏسڻ لڳي.
اشونيءَ چيو. ”اڙي اسان پنهنجي روم جو در ته بند ئي نه ڪيو آهي. اٿي در ته بند ڪر نندني.“
نندني جي مک تي وچ جي ريکا جيان مرڪ ڊوڙي ويئي. پر اٿي دربند ڪرڻ بدران فقط ٽيوب لائيٽ وسائي ڇڏيائين.
تڏهن اشونيءَ چيو. ”ڪيڏو روشنيءَ جو دهو ٿو اچي باهرئين ڪمري جو. “ ۽ اٿي خود ئي روم جو دربند ڪري آيو.
ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن نندني ۽ اشوني ڪمار ڪلندا ڪڏندا پڦيءَ جي گهر پهتا. تڏهن نندنيءَ چيو. ”الائي ڇو اسان چاچيءَ کي هيترا ڏينهن وساري ڇڏيو هو.“
اشونيءَ چيو. ”نه پڦيءَ کي. “
نندنيءَ چيو. ”نه پاپي وڏي کي ۽ دادي وڏي کي.“
تڏهن چاچيءَ کلي چيو. ”پاپي ڇڏيو. دادي ڇڏيو. آهيان ته مان اهڙي رکي.“
نندنيءَ کلي چيو ”سڪيلڊي پاپي. “
ڳل ۾ چموٽو وجهي پاپيءَ چيو. ”چوڪري سڪيلڊي پهتي ته تون آهين. پنهنجي چاچيءَ جي... ان ڪري منهنجي به. “
”۽ مان؟ “
اشونيءَ ”۽ مان“ اهڙي ڪلائيندڙ نموني چيو. جو نندني ۽ رکي دادي خوب ٽهڪ ڏيئي کليون.
جڏهن ٿول ڊنگ کائي بيهي وجڻ لڳا تڏهن رکيءَ شب ۾ پڇيو. ”اشوني يلا آخر مسئلو ڪيئن حل ٿيو؟ “
اشونيءَ نندنيءَ طرف ڏسندي چيو. ”همت ۾ جو لڪڻ ڏيئي وئين مونکي. “

”لڪڻ؟ “ نندني سوال جي نشاني بڻجي مڙس ڏي ۽ وري دادي رکيءَ ڏي ڏسڻ لڳي. رکي خوهه ۾ لڪڻ اکر تي وڪڙي ٿي ويئي هئي.
”هائي اها پرولي دادي توکي سلٽي پوندي. “ پر جواب ڏيڻ بدران نرسي سرڪي کلندا کلندا نڪري ويا.
رکي ڪجهه وقت من ۾ پيچ گهر ڪندي رهي پر سارو وجود اڄ ڏاڍو پرسن هو.

# جيئنداڻي مري ويو

ڪيتريءَ تڪڙ ڪندي، آفيس ۾ سويل پهچڻ مون لاءِ اڃان ته ناممڪن ٿي رهيو آهي. ان ڏينهن ته ناٽڪ لکي پورو ڪيو هوم سو خوشيءَ ۾ پئي سوچيم. اڄ ڪنهنجوبه ڊپ ناهي ڪرٽوبس هڪدم ڏن سوار هئي ته ڪنهن طرح لنچ ٽائيم ۾ وڃي جيئنداڻيءَ کي سندس آفيس ۾ هيءُ ناٽڪ ٻڌائي ايندس. هٿن ڪيڏه ٿي ڦوڪون ڏيئي گرم ڪري ورتم. جلدي جلدي فائيل کولي پڙهڻ لڳس ته فون جي گهنٽي وڳي. اڄ ڪلهه ياريءَ دوستيءَ جو هڪڙو ايترو ته وڏي ويو آهي، جو جنهن ٿي اڙجي ويئي آهي. "الاجي ڪهڙو آهين پٽيا چوندي فون ڪنيم. ڪوئي گنگهي رهيو هو. چيم، "ٻڌائي ڪير آهين؟ جيئنداڻي آهين؟"

ڏاڍو ڳورو آواز آيو، "جيئنداڻي مري ويو."

"هان، جيئنداڻي مري ويو؟" منهنجي هٿ مان رسيور ترڪي ويو. رسيور کڻي وري پڇيم، "ڪڏهن؟"

"اڄ صبح جو انيڻ بجي."

منهنجون ته ٻه ويئون ڇهه ويئون. پنج منٽ اڳ ۾ جيئنداڻيءَ سان ملاقات ڀلبت وينئي سوچيم. واقعي ٿبندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي" ٿي نظر اچي. ليڪن "نو آتما" ڊرامي جو ڇا ٿيندو؟

من پڇيو، "جيئنداڻيءَ جي مري وڃڻ جو توکي ڏک ڪونهي، رڳو ڊرامو نه ٿي سگهندو انجو ڏک اٿيئي؟"

مون چيو، "ها. مون جيڪا ڊرامي لکندي نو آتما جي شڪل پنهنجي سامهون رکي هئي سا ته جيئنداڻي جيئي هئي. هوئي منهنجي ڊرامي جي جان هو.

سندس قداور آڪار. جڏهن عجيب رنگن جي روشنين وچ مان ظاهر ٿي چوي ها، ”ساڻيو هڪ آرسيءَ تي پٿر لڳو ۽ آرسي ٽڪر ٽڪر ٿي پيئي پر پوءِ ... آرسيءَ جي هر ٽڪري ۾ نظر ٿو اچي، نو آتما جو عڪس. زماني وارن وشواس جي آرسيءَ مٿان ناستڪتا جو پٿر هنيو آهي، مگر عجب ته ڏسو هرڪو ٽڪروٻڻجي پيو آهي نو آتما جو عڪس. ڀڳوان جو عڪس. انيڪ ڀڳوانٻڻجي پيا آهن هن جڳ اندر. انيڪ انسان، جن ملڪ جي سک دک لاءِ پاڻ کي جوٻدار ڪٺي ٺهرايو آهي... اسان سڌينٻه...“

اوچتو پٺيءَ تي ڪنهن ڌڪ هنيو. مڙي ڏسان سانولاڻي هو. ”اڙي دوست پنهنجو جيئنداڻي مري ويو.“

”نہ تہ. “

”هيئرئي تہ فون آيو. “

”دوستن کي خبر ڪيئي اٿيئي. “

”منهنجو تہ موڊئي خراب ٿي ويو آهي. “ مٿي تي هٿ رکي ويهي رهيس.

”اڙي يار هوڏانهن ”سنمان“ ناٽڪ لاءِ هالٻڪ ڪرڻڻ ويا هوندا ۽ جيئنداڻيءَ ڪانسواءِ ڀلا مکيہ رول ڪير ڪندو؟“

”پنهنجي نئين ڊرامي ”نو آتما“ ۾ٻہ تہ جيئنداڻيءَ جوئي مکيہ رول رکيو هوم...“

سانولاڻي هتو ڪتو زنده دل رفيق آهي اسانجو. ڊرامي لاءِ پرميشن وٺڻ، هال ۾ انتظام رکڻ وغيره جهڙا ڪم اسين ڪيس سونپيندا آهيون. ڪيترن وقتن تي اسانجي ڊئريڪٽر سندس ساراهہ ۾ ڪئينٻہ چيو هوندو تہ، ”سانولاڻيءَ ڪان سواءِ جيڪر هي ناٽڪ ايترو جلد پيش ڪريئي نہ سگهون ها. “ مگر اڄ سيني کي خبر پئجي ويندي تہ جيئنداڻيءَ ڪان سواءِ ڊراموئي اسٽيج تي اچي

نہ سگھندو...

”ڇڏ يار تون بہ زالن وانگر ٿو ڳوڙها ڳاڙين. مان ڏس ڪيئن چپ ويٺو آهيان. نہ تہ مون لاءِ تہ جيئنداڻي يار، دوست، سچو صلاحڪار، خبر ناهي ڇا ڇا هو... اجان ٿيون ڏينهن بہ گڏ هئاسين..“

”سانولاڻي چئہ، هو ڪنهنجو يار نہ هو؟ پوءِ بہ اسان ڪان وڌيڪ اڄ اسانجي قوم ڪجھہ وڃايو آهي، جڏهن سنڌين جي ڏکن سورن جو اظهار ڪندو هو، تڏهن ايڏي جذبي سان ڳالهائيندو هو جڻ ساري قوم منجهس سمائجي پيئي آهي..“ منهنجو من پرجي آيو.

سانولاڻيءَ هٿ ڪان ڇڪي چيو، ”بس يار روح هو روح. سڀني انسانن سان ڪئين مليو پيو هو، جڻ ڪا وڇ ۾ پتڪئي ڪين هئي. يارت ۾ ڪئين سماج اڏڻ لاءِ اهڙڪي جيو ڪپن... ليڪن دوست هتي ويهي رهڻ مان ڪجھہ نہ ورندو. هل سندس زال ڪان تہ پڇون آخر ٿيو ڇا جيئنداڻيءَ کي.“

مان ڊگھو ساهہ ڪڍي اٿي ڪڙو ٿيس. سانولاڻيءَ نيڪئي ڇئي رهيو هو. پنهنجي باس ڪان موڪل وني ٻين دوستن کي فون تي خبر ڪيم. اڳيئي ناٿڪن پيش ڪرڻ سبب گھٽيون موڪلون ڪڍي چڪو هوس، سو ڏاڍيءَ ريڙهہ پيڙهہ ڪانپوءِ مس موڪل ملي.

سانولاڻيءَ چيو، ”منهنجو دوست هيرانداڻي ڪار ڪڍي ٿو اچي، گڏجي ٿا هلون.“

مون چيو، ”پوءِ تہ اوشا کي بہ فون ڪري گھرڪي ونون. جيئنداڻيءَ جي ڊرامن ۾ هن جو بہ ساهہ آهي.“

سانولاڻيءَ چيو، ”ليڪن اٺيئي رڳ، فون تي نہ ٻڌائجانس تہ جيئنداڻي گذاري ويو، آفيس ۾ ئي روڄ راڙو شروع ڪري ڇڏيندي.“

هوندي آهي. پر اڄ..... اڄ ته اسان جي اکين ۾ هن مڪيءَ لاءِ همدرديءَ جو درياءُ پلٽيو هو.

بس مون ته ڪيس جيئنداڻيءَ جي ڪاميابيءَ لاءِ راتين جو سڪ وچڪيندڙ، ٿڌي روٽي کڪيندڙ، اوسيئڙا ڪيندڙ، خبر ناهي ڪيترين صفتن واري ديويءَ جو لقب ڏيئي ڇڏيو.

اوشا ته يڪدم سندس گلي ۾ ٻانهن وجهي، ”ڪتي سمهيل آهي جيئنداڻي“ چوندي ڪيس اسان ڪان پري ڇڪي ويئي.

اسين دوست سڀ ولڪڙا ٿي وياسين چو ته سامهون ڪمري ۾ ڊريسنگ ٽيبل اڳيان وينو ٿلهي ٽوال سان متو اگهي رهيو هو جيئنداڻي...

”اڙي تون جيئنداڻي؟ “ اسان ٿنهي ڪان رڙ نڪري ويئي.ٻيءَ ڪنئي مون غصي ۾ ايرڪي چيو، ”ته فون ڪنهن ڪيو هو اڄ ؟ “

”مونئي ته ڪيو هو... يلا پنڌرهن ڏينهن.ٻه ڪوئي جيئري دوست کي وساري سگهندو آهي؟ تڏهن چيم مري ويو جيئنداڻي. چو خار نه لڳندا؟“

”اڙي ڀلئي ٿن ڪلاڪن جو ناٽڪ لکيو اٿم. ”ٺئين آتما“ چيم سرپرائيز ڏيندو سان: ليڪن ٿهڪڙن وچ ۾ ٻڌي ڪير.

پورو اپريل فول.ٻيوقوف ڪڙو هوس.

# ڪيڙيل ذرتي

ٺئين ته مونکي مسٽر عيدناڻي جي آفيس ۾ لڳي ڇهه مهنا گذري چڪا هئا، پر ٻاس کي منهنجي ڊرافٽنگ جو ايڏو قدر ٿيندو، سو ته مون ڪڏهن سپني ۾ ٻه نه سوچيو هو. انيتا، اسانجي اسٽنو ٽئيپسٽ موڪل تي ويئي هئي انڪري

گھر ۾ اچي مميءَ کي ٻڌايم تہ سياڻي منهنجي ٻاس منهنجي عزت ۾ سڄيءَ آفيس کي وڏيءَ هوٽل ۾ پارٽي ڏني آهي. مميءَ چيو، ”چو اسانکي اچڻ لاءِ نہ چيو اٿس. “

رات جو ٻُڍيءَ کي چيائين، ”ڏسو نرملا جي ٻاس جا ڪم، سڄيءَ آفيس کي پارٽي ڏني اٿس ٻاقي اسان ماءُ پيءُ ويناسين رڦ تي. “

ٻُڍيءَ چيو، ”چڱو جو نہ چيائين، نہ تہ تنهنجو رينگٽ هلي ها سٺا ڪپڙا ڪونهن، چمپل ڪونهي...“

من ۾ سوچيم: هاڻي ايندڙ پگھار مان ماءُ لاءِ پهرين سٺا ڪپڙا خريد ڪنديس. سٺا ڪپڙا نہ هجڻ ڪري ئي تہ هيل سوڏو مٽن مائٽن وٽ، شادين مرادين تي بہ نہ وينيدا آهيون. اڌارو وٺي پيئڻ وري ٻُڍيءَ کي وٽي ڪونہ.

اوبيراءِ شيريٽان ۾ پارٽي ڏيئي ٻاس جڻ منهنجي شخصيت کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا، ڪيتراڻي ڦوٽلبہ نڪتا. مونکي گھر ايندي لڳين پئي محسوس ٿيو جڻ مان هڪ ننڍڙو ٻوٽو هئس جيڪو طوفان ۾ پاڙن کان اکڙجي پيو آهي ۽ مٿي مٿي اڏامندو پيو وڃي ۽ وڃي تارن جي وچ ۾ هڪ تارو بڻجي ٻيهي رهيو آهي.

ان ڏينهن دير سان موٽڻ جي ڪري سروچ وٿبہ ڪانہ ويس. مميءَ ٻُڍيءَ کي ڳالهيون ٻڌائڻ جي عادت ڪانهي ۽ خاص ڪري جڏهن مميءَ جو ارمان پوروئي نہ ٿيو هو تہ مان ڪيئن ٿي پنهنجي ڪپڙن، شڪل وغيره جي ساراهہ جا ڦول ڪيس ڏيکاري سگھيس. منڊي ٻوٽ، پرس، مون سڀ پسند ڪري وٺي هن پارٽيءَ لاءِ خريد ڪيا هئا.

رات جو مميءَ سمجھو مونکي ننڊ هوندي. ٻُڍيءَ کي چيائين، ”اڄ ڇوڪريءَ کي پارٽي ڪٿي موٽندو ڏنوَ؟“

”ها پيٽسان، ڇوڪريءَ قد چڱو ڪڍي ورتو آهي، وري ٺاهوڪي ٻه چڱي ٿي پيئي آهي...“

”ته هاڻي ڪجهه ڪرڻ کپي ٻڌو نه اٿو مرد ويري ننڍڙي، زال ويري سونهن“ مميءَ چيو. پر بُڍيءَ جواب ڪونه ڏنو.

جواب ڏنو منهنجي من... شادي معني خرچ ۽ خرچ هجي ها ته بُڍي مونکي نوڪري ڇو ڪرڻ ڏئي ها... سروج وٺ فقط هڪ ڏينهن گسايو هوم ته ٻئي ڏينهن تي چوڻ لڳي، ”تون ته هاڻي عيد جو چنڊ ٿي پيئي آهين. “

مون کلي چيو، ”چنڊ سمجهي آسمان ۾ ڳوليندينءَ ته ٻه توکان ليندس ڪانه. ٻڌايانءِ ته ڇو؟ ته مان آهان هوا... هوا جو اهڙو جهوٽو جيڪو آواز جي لهرن ڪانٻه تڪڙو پيو ڊڪيئي ڊڪي...“

سروج کلي چيو، ”ڇو ڀلا ٻاس هاڻي تولاءِ دنيا جي سير جي ٽڪيٽ گهرائي آهي ڇا؟“

”نه سرجو، عجيب ڳالهه ته ٻڌ. مونکي پنهنجي ڪيبن ۾ گهرائي وهاري ڇڏيائين. مون پنو ۽ پين تيار رکيو ته ڪجهه لکائيندو سمجهي ڏانهنس نهاريم، ته ٿو چوي: اڄ ڪجهه ڪونه لکائڻو آهي بس تون چپ چاپ منهنجي سامهون ويهي رهه. مونکي کل پئي اچي. پنهنجو خانو کولي سو سو جا نوٽ ڪڍي چيائين: هاڻي تون آهين ٻي ڪام پڙهيل اسٽنو. پگهار پنج سو وڌيڪ. “

پئسا وٺي ”ٿئنڪيو“ چئي پڇي ٿي آيس ته ٻانهن کان جهلي چيائين، ”۽ هي وٺ ولائتي سينٽ جي شيشي“ اها گلابي رومال ۾ ويڙهيل هئي. چيائين. ”هي اٿيئي منهنجي پاران انعام؟“

مون شيشي وٺي چيو، ”ٿئنڪيو“ ۽ ٻاهر هلي ويس. پر شام جو جڏهن سيئي

ڇڻا آفيس مان هلي ويا. رڳو مان ۽ ٻيون ٻه ڇوڪريون ٻس ٻاهر نڪرڻ واريون هيونسين. ته مونکي ٻاس سڏ ڪيو.

مان ٻنهي ڇوڪرين کي ترسڻ لاءِ چئي ٻاس وٽ ويس. چيائين، ”الاجي ڇو اڄي من ۾ پيو ته وڃڻ کان اڳ، هن ٻالڪيءَ جو منهن هڪ ڀيرو وري ٻه ڏسان.ٻس تون وڃ ڀلي..“

”سروج اهڙي ڪل پيئي اڄي ان مهل کان وٺي، جو چلڻ ٻڌايانءِ؟“

سروج چيو. ”ڇو سندس زال ڪانه اڄي ڇا آفيس ۾؟“

مون چيو. ”ايندي ته آهي، پر مون سان رڳو ڪلندي آهي. ڳالهائيندي ڪانهي.“

هن چيو. ”تون ڳالهائجانس. ها تون پاڻ ئي وڃي ڳالهائجانس.“

عجب جي ڳالهه اها ٿي جو ٻئي ڏينهن تي مسز عيدناڻي پنهنجن ٻن ٻارن سوڌي لڳي ته پاڻيهي اچي ڳالهايائين. چيائين، ”توهان سيني جا هي فوٽا صفا ٺي آيا آهن. اوٻيراءِ ۾ ڪڍيا هئاڪون نه.“

”او“ چئي مان فوٽا وٺي ڏسڻ لڳيس. مونکي الاجي ڇو لڳين پئي لڳو ته شريمتي ٻس مونڏي ئي ڏسي رهي آهي. ان ڪري اک ڪڍڻ کان سواءِ ئي سڀ فوٽا ڏسي ورتم. پوءِ چيومانس. ”مان هي اڄ ڪٺي وڃان؟ پنهنجي ٻئدي مميءَ کي ڏيکاري سياڻي ڪٺي ايندس.“

هن فوٽا ته ڏنا، پر مٺان چيائين، ”راوڻ. “

مون چيو: ”ڇا؟“

هن چيو. ”ڪجهه به نه “ ۽ منهن سڄائي هلي وئي.

مون ”راوڻ“ لفظ واري ڳالهه اچي سروج کي ٻڌائي. سروج فوٽا ڏسي چيو. ”هي ڏسين ٿي هر فوٽي ۾ ٻاس توسان لڳي لڳي اچي ٻيٺو آهي.“

مون چيو. ”پوءِ ڇا ان ۾ هو راوڻ ڪيئن ٿي پيو. وڏي ڳالهه مون ته سندس

سامهون ٿئي انڪل ڪري پئي سڏيو مانس..“

ليڪن هڪ ڏينهن پوءِ هڪ ٻيو عجيب واقعو ٿيو. باس مونکي ڪئبن ۾ گهرائي چيو, ”مان توکي سامهون ويهي رهڻ لاءِ ٿو چوان. تون ضرور عجب کائيندينءَ. پر تون شايد ان ڳالهه کي سمجهي نٿي سگهين. ڪوئي ڪنهنکي اچانڪ ئي وٽي ويندو آهي. ڇو وٽي ويندو آهي؟ ڪوئي ڪارڻ نه هوندو آهي. هو ڪيس پيار ڪرڻ چاهيندو آهي, ڪوئي ڪارڻ نه هوندو آهي. ڪڏهن ڪيس ٻانهن ۾ ميٽي ڪٽڻ جي تمنا سندس سيني ۾ پڙڪي اٿندي آهي.“

مون ڪلي چيو, ”پر انڪل توهين هيڏا وڏا, توهانجي شريمتي..“ اڌ ۾ ڪٽي چيائين, ”شريمتي... اوهه شريمتيءَ سان مونکي ڪڏهن هڪ ڪن لاءِ به پيار نه ٿيو آهي. نرملا تون اعتبار ڪندينءَ, هڪ ڪن لاءِ به هوءَ مونکي اهڙي ڪانه لڳي آهي, جنهن کي ڇڪي ڇاتيءَ لائي چمي سگهجي.“

مان باس جون هي سڀ ڳالهيون ٻڌي من ئي من ڪلي رهي هئس.

آخر جڏهن ئي اٿڻ لڳيس, تڏهن باس مونکي ٻانهن کان پڪڙي زوريءَ ويهاري چيو, ”ويهه هاڻي پڇين ڪيڏانهن ٿي. “

دل ۾ چيم, هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪريءَ جي پڇڻ جون واهون ڪوئي ڪئين بند ڪري سگهندو آهي ڇا.؟

ليڪن سندس هٿ منهنجي ٻانهن تي اهڙو زور سان لڳو هو جو مونکي لڳو منهنجي ڳلن ۾ خون جو دورو تيز ٿي ويو آهي.

باس ڪنڌ هيٺ ڪري چيو, ”رات ڏينهن بس تون ئي تون اکين اڳيان پيئي ڦرين. خبر ناهي ڇو توکي سامهون وهاري ڏسندو رهڻ جو جذبو ڊاڍو ڇو ڪين ٿو...“

”انڪل, مميءَ سان اڄ شاديءَ تي وڃڻو آهي. مان وڃان ٿي.“

ٻاس ڪنڌ مٿي ڪنيو... ڏاڍو ڏکويل... دکي شخص پئي لڳو. من چيو، ”ڪاش
ههڙي قرب واري شخص کي زال سٺي ملي ها..“
رت جو دورو فقط ڳلن ۾ئي نہ، پر ساري بدن ۾ اهڙو تيز ٿي ويو هو جو
لڳو پئي منهنجا پير زمين تي لڳئي ڪين ٿا... ڪٿي مان اپسرا تہ ڪين ٿي
پيئي آهيان. اهڙا خوش خيال ڪندي اچي سروج جي گود ۾ پيس.
سروج سان جڏهن سڄي ڳالهہ ڪيم، تڏهن سروج چيو، حق تي سندس زال
چيو هو ”راوڻ “
”پر هو راوڻ آهي ڪونہ... هنجي زال کي هن ڪڏهن پيار ڪيوئي ڪونهي“
مون چيو.
سروج چيڙائڻ جي نوع ۾ چيو، ”ها ها زال کي ڪڏهن پيار ڪيوئي ڪين
اٿئين، رڳو ٻہ ٻار تہ پيدا ڪيا اٿئين. اڙي چري، انهيءَ راوڻ تي قياس آڻي
ڪٿي ويچاريءَ ٻن ٻارن جي ماءُ جو گهر نہ اجاڙي ڇڏين“
”ڇہ ڇہ.... “ مان ان ڏينهن سروج سان رسي پيس. گهر اچي ٿڌي پاڻيءَ سان
سنان ڪري، ممي ۽ ڊيڊيءَ سان شاديءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳيس.
ڊيڊي چيو، ”هاڻي تہ ڏيءَ تي ڪمڪيس تہ ماڻهين خوب سهڻا وڳا وٺي اچي
آهي“
واقعي مميءَ ٻہ جيڪا ٺئين ساڙهي پاتي هئي، ان سان بلڪل ڏهہ سال ننڍي
پئي لڳي.
اوچتو ٻاس اچي اسان جي گهر پهتو. اسين سڀ حيران ٿي وياسين. سڀني جو
هڪ سمنڊ وهڻ لڳو ساري گهر ۾.
”انڪل . . .“
”هاءِ نمو... هيءَ “ انڪل منهنجي مٿي تي هٿ رکيو.

”ممي. “

مميءَ مونجهاري ۾ ڪرسيءَ بدران اسٽول ڪٽي ڏنو باس ڪي وهڻ لاءِ.
مون اسٽول سيري، ڪرسي ڪٽي رکي... مميءَ پل محسوس ڪئي ته سندس شڪل لهي ويئي.

باس چيو، ”سچ پچ هيءَ تنهنجي ممي آهي؟“

”ها. “ مون ڪنڌ ڌوڻ سان چيو.

”جڻ نورجهان جي هٿ تان ڪبوتر اڏامي ويو آهي. “باس چيو.

اسين ٻئي ماءُ ڌيءَ ٿهڪ ڏيئي کلي پيئوسين.

ٻئي ڪمري مان ٻڍي آيو. پتي جون تاڪيون سندس هٿ ۾ ئي هيون...

مون چيو، ”ٻڍي منهنجو باس مسٽر عيدناڻي.“

”او، “ ٻڍيءَ ساڻس هٿ ملايو، ”عيدون ئي عيدون آهن توهان جي نصيب ۾ ته، نرملا ڳالهه ڪندي آهي ته توهين اجلي برانچون به کولڻ وارا آهيو. “

”اگرچ تلي بلڪل صحيح ڳالهه چئي اٿس. انهيءَ ڪري ئي ته توهان وٽ اچڻ جي تڪليف وٺي پيئي آهي مونکي.“

ٻڍي ءِ مان وٽڙا ٿي باس جي منهن ۾ نهارڻ لڳاسين.

”ڳالهه چاهي ته هيئر اچا نرملا جي ڪنهن ساهيڙيءَ جو فون آيو ته وڏيڪ پگهار تي هوءَ ڪيس پنهنجي آفيس ۾ نوڪري ڏياري سگهي ٿي. ليڪن توهان جي ڪڪيءَ جو ڪم اسانکي ايترو پسند آهي جو اسانجي آفيس کي ڪيس ڇڏڻ واري ئي ناهي. وڏيڪ پگهار به يڪدم ڏنو ويندو. “

”آها. “ مون اندر ۾ هڪ وڏو ٿهڪ ڏنو. ممي ٻڍي باس جي خاطرداري ڪرڻ لڳا. هن ٻنهي جي نظر بچائي مونکي چيو، ”سياڻي سويلي اچج. وقت ڪيئن ٿو گذري توبنا، سا فقط مونکي ئي خبر آهي. “

ممي جڏهن واپس منهنجي ۽ ڀڄيءَ جي ويجهو آئي تڏهن سندس منهن ڀڃي ڀڳل ڪيو. ڀڄيءَ کي چوڻ لڳي, ”هيءَ ملڪتين واري چوي ٿي هو ڇوڪرو جيڪو اسٽيج وٽ گهوٽ ڪنوار جي ويجهو ويٺو آهي, اهو ولايت کان آيو آهي, ڪروڙپتي آهي, پندرهن ڏينهن اندر شادي ڪري واپس وڃڻ ٿو چاهي.“

”اخبار ۾ نٿو اشتهار ڏئي؟“ ڀڄيءَ چيو.

مميءَ ڏاڍي فلڪ سان چيو, ”هنکي ڪپي سنڌي ڇوڪري ۽ اسانجي نرملا لاءِ ويچار اٿس.“

”ولکي ٻادي ڳالهيون پيئي ڪري اها ملڪتين واري, ڪروڙپتي وننڊوبه لڪ ڪين نه, وڏي ڳالهه آهي خوبه تمام سهڻو...“

هيءَ گفتگو بلڪل منهنجي ٻڌڻ لاءِ ئي ٿي رهي هئي.

مون اکيون کڻي انهيءَ ڇوڪري طرف نهاريو. هو شايد مون طرفئي ڏسي رهيو هو. ليڪن مونکي نهاريندو ڏسي, هن سونهن جي پندار هڪ ڪن لاءِ نظر جهڪائي ڇڏي ۽ جڏهن وري سڌو مون طرفئي نهاري رهيو هو, تڏهن منهنجي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي. دل ۾ چيم: ڏسجي ته پرش پاڻ ناريءَ جي پيٺ ۾ وڌيڪ سهڻو آهي.

”ملڪتين واري چوي ٿي هن دولتاڻي ڇوڪري کي توهانجي نرملا سني ٿي لڳي...“ مميءَ چيو ڀڄيءَ کي, پر شايد منهنجي ٻڌڻ لاءِ به. مونکي لڳو ڌڙام ڪري هڪ ناچڻي ڪنهن وڏي شاهي نغاري مٿان لهي پيئي آهي... پنهنجن جهانجهر پاتل پيرن سان ٺمي ٺمي ڪندي نغاري مٿان نچي رهي آهي. نغاري جي چوگرد پکڙيل هئي اٿاهه ڌرتي... ڪيڙيل هئي ساري ڌرتي... سچ مٿي ٻيٺو ڌرتيءَ جي ڪيڙيل ورن وڪڙن ۾ پنهنجين ڪرٽن جي ڏارڪن سان ڪجهه سونجهي رهيو هو.

”دل ته جهل. ڪني مڇي ڪانهي اسانجي ڌيءَ جو دولتاڻيءَ ڪي ڏيندينءَ.
دولتاڻيءَ ڪا آڪهه آهي؟“
”آڪهين وارن ڪي ته ڏيتي ليتيءَ جي مار لڳي پيئي آهي. “ مميءَ سرگوشي ڪئي.
”ڪونه ڪو پاڻيهي هن هيري جو ملهه سڃاڻندو. “
”توهين اسانجي سنڌيءَ ٻوڪڙو گهوٽ__ ملڪن ڪي سڃاڻو ڪونه. تڏهن ٿا چئو.
ٻس ڪر هاڻي. اڄ اچا پگهار وڌيو اٿس... پهرين ٿوري دولت ته گهر ۾ آڻي.
اهڙا دولتاڻي گهڻيئي پيا ملندا...“
منهنجو ٻئڊي. گهر ۾ ٻئڊيءَ ڪان وڌيڪ ٻاس ٿي رهيو آهي. سوٻاس جو فيصلو هو... سر چشم.
ناچڻي. ڊول تان لهي ويئي. سج غروب ٿي ويو. ڪيڙيل ڌرتي سوڪ ۾ فٽل زمين جيان اساٽيل رهجي ويئي.
سيني ڪان موڪلائي شادي هال ڪان ٻاهر نڪري آياسين.
مان چپ چاپ اونڌي منهن اچي گهر ۾ پيس.
صبح جو جڏهن آفيس وڃڻ لاءِ تيار پئي ٿيس. ته مميءَ اچي پڇيو. ”تو رنو آهي چا نمو؟ “
ڳوڙهو هو نڙيءَ ۾ اٽڪيل. پرس ڪڻي چپ چاپ ٻاهر نڪري ويس.
آفيس ۾ پهچي خبر پيئي ته ٻاس اڄ ٻئنڪاڪ ٿو وڃي. هو فقط ڪن ڪن لاءِ ئي آفيس ۾ آيو ۽ مونکي ڪئبن ۾ ڪوٺائي چيائين. ”ننڍڙي اپسرا. مان ٻئنڪاڪ ٿو وڃان خريداريءَ لاءِ. پنيان اندر جي آسڻ تي ڪنهنکي نه وهڻ ڏج. سمجهيئه؟“
منهنجو منهن لٿل هو.

”نہ اصل نہ.“ مون تڙقندي چيو. اهو ڪلنڪ گھٽ ۾ گھٽ تون نہ لڳاءِ سروج. آفيس ۾ سڀ سمجھندا آهن مون انڪل تي جادو ڪيو آهي، پر انڪل جي هيتري لڳاوَ لاءِ مان جوابدار اصل ڪانہ آهيان. سندس زال ڪيس پيار ڏئي ها تہ شايد....“

”ق...“ ڏاڍي ڏڪار مان سروج چيو، ”تو جھوني اسڪنو واتان باسٽرڊ لفظ ٻڌو باس جي زال واتان راوڻ لفظ ٻڌو. اجاب توکي انڪل لاءِ عزت آهي؟“

”عزت تہ آهي،“ مون چيو. ”ٻڍي چوندو آهي سنڌي باس هڪ سنڌي ڇوڪريءَ کي سدائين پنهنجي اولاد جيان سمجھندو آهي. تڏهن تہ مونکي ”عيدناڻي لميٽيڊ“ ۾ نوڪري ڪرڻ جي موڪل ڏنائين. نہ تہ پرائيويٽ سروس جي بلڪل برخلاف هو ٻڍي.“

سروج چيو، ”ٻيا سنڌي باس برابر پنهنجي فرم ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرين کي اولاد وانگر سمجھندا هوندا، پر عيدناڻي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ اهڙو نٿو لڳي. تو اجا شادي نہ ڪئي آهي انڪري تون سندس سندس اٽڪلون سمجھي نہ سگھي آهين. تو کي بہ آرام ڪري هو دنيا پاڻي مان ڪڍڻ ٿو چاهي...“

”تڏهن نٿو ٿي سگھي، مون لاءِ هو ٻڍيءَ ڪان بہ وڌيڪ آهي...“

سروج ان ڏينهن رات جو پنهنجي گھوٽ سوڌي اسان وٽ لنگھي آئي. ڳالهين ڳالهين ۾ چيائين، ”ٻڍي توهين هاڻي نموءَ جي شادي ڪرائي ڇڏيو.“

”ٻڍي“ سڏجڻ تي ٻڍيءَ کي سچ پچ شايد خوشي ٿي هئي، جو کلي چيائين، ”پائي سيني جون ڇوڪريون ٺيهن ٺيهن ورهين تائين وينيون ڪمائين، هيءَ ڪهڙو بار آهي اسان مٿان، جو جلدي شادي ڪرايونس؟“

سروج چيو، ”نياڻيون جي پيٽن ۾ سمايون، سي ڪنيءَ تي بار تہ برابر ڪونهن، پر هر چيز جي هڪ موسم ٺيندي آهي. سڀ ٻياتي نڪشتر ۾ ئي وات

”انڪل“ مون ذرا خارن ۾ چيو ۽ وچڻ لاءِ اٿي بيٺس.

”ڏيرج ڏيرج . “ هو منهنجي ٻانهن تي هٿ ڦيرڻ لڳو. ”ڏس ٻار نٻٽج. رڳو آتمڪ پيار سڀ ڪجهه نه ناهي ۽ مون نه توکي ايترو پيار ڪيو آهي جو منهنجي گڏيءَ ڪي ٻئي جي ٻانهن ۾ وڃڻ برداشت ڪئي نه ڪري سگهندس.“

من ۾ آيو چوانس. ”راسڪل بدمعاش مونکان سال ٻه ننڍي نه پنهنجي ڌيءَ اٿئي.“

اکين کي ٽٻاهه ۽ پاٽي“ واهڻ کان صبر سان روڪي. سندس ڪئبن مان ٻاهر هلي آيس. نوڪري ڇڏڻ جي لاءِ خط ٽائيپ ڪري ٽڪرو ٽڪرو وجي ميز تي رکي. ڌڙام سان دروازو بند ڪري سڌي گهر هلي آيس.

پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيڻ بدران. سڌو سروج جو وجي در کڙڪايم. ڪيس ياڪر پڪي. خبر ناهي ڪيتري دير سڏڪندي رهيس. ”سروج تون سچي آهين. تون سچي آهين. انڪل ”راسڪل“ (بدمعاش) آهي.“

سروج پنهنيج ساڙهيءَ جي پلئه سان منهنجا ڳوڙها اگهڻ لڳي. ”انڪل نه راڪاس آهي پر تنهنجو ٻئدي ٻه تبد دماغ آهي.“

# نئون زمانو

”چا پيو چوين تيرٿ. “
”سچ ٿو چوان ماسي، اها ليڪئي ڪين هئي منهنجي هٿ ۾ جيڪا پيار ڏيکاريندي آهي. “
”تون نٽئين مٿي نهاري، اکين ۾ ٻوڙها پي پيو وجين.... مونکي ته گهاءُ پيو پوي. “
تيرٿ ماسيءَ طرف ڏسندي ڦڪو ڦڪو مرڪي ڏنو.
”پٽ تون اهو جيڪو ڪوڙو ڪوڙو مرڪڻ جي ڪوشش پيوڪرين، اهو ته پاڻ منهنجو هاڻُ پيو وڍي. “
هاڻ ٿتي پيو تيرٿ. اکين مان سندس زار زار آنسون پئي ٻڙيا. سڏڪا ڀريندي ٻانهن مٿي ڪٽي، نڪ وٽ آيل پاٽيءَ کي اگهڻ لڳو. تڏهن ماسيءَ ڪٽي سندس ڳلي ۾ ٻانهن وڌي، ”هيڏو خيال ڪبو آهي چا تيرٿ. “
”ڪيڏو نه پيار ڪيومانس، پر سندس پيار مونسان ڪين هو شايد. نه ٽئين ٻه ڪين چئي سگهندس. ڏاڍو موهه هوس مون ۾...ٻارن ۾... “
”پيار هوس ڪي نه هوس، ماڻهو ڪڏهن ماڻهوءَ جو انت ڪو مشڪل لهي سگهندو آهي. “
تيرٿ اٿي وڃي گينديءَ وٽ منهن ڌوتو. وري واپس جڏهن ماسيءَ جي پرسان اچي وينو، تڏهن ڏٺئين ته سندس پيڻ ريڪلبه ڪنڌ هيٺ ڪيو ماسيءَ جي پر ۾ وينڻي آهي. ريڪا اڱر سان اک جو ٻوڙهو چنڊي ڦٽو ڪيو. تڏهن ماسيءَ چيو، ”ڏيءُ توکي ته گهڻو اڳ خبر پئجي ويئي هوندي ته مڙسنهن جي پاچانهن ۾ ٻري نظر آهي.“

ريڪا ڪنڌسان ”ها“ ڪئي.
”ته ڌيءَ تون ٻاءُ کي آگاهه ته ڪرين ها نه؟“
”هن کي به خبر هئي..“ هاڻي ريڪابه سڏڪا ڀرڻ لڳي.
”آن تيرٿ؟... جي ڳالهين هو ته تو ڄڻڪيءَ کي گهر ۾ اچڻ کان منع ڇو ڪين ڪئي؟ خاص ڪري جڏهن هو ويو ٿي انگريزبڻجندو؟ ڄڻڪرشن مانبدلائي ڀاڻکي ڄڻڪي ڪيڪئين.“
درد ڀري نهار ڪٽي، تيرٿ چيو، ”اهي رشتا روڪڻ سان رڪبا آهن ڇا ماسي؟ پاڻ وڌيڪ گهرا ٿي ويندا آهن. “
”ڀليل آهين پٽ، تنهنجي چاچيءَ جي ڌيءَ ڌس، پاسي ۾ پنجابيءَ سان پريم ٿي ويس. پنجابي ٽنبارن جو ڀيءُ. ڇوڪريءَ کي تڪڙ ۾ گهر ڳولي شادي ڪرڪئي ڇڏيڪون. هاڻي ڌس ته ڪيئن ڀيئي پنهنجي مڙس سان نري. “
”ماسي اهو ته سوچيو. ڄڻڪيءَ کي گهر ۾ اچڻ کان روڪي مان پنهنجي نناڙيءَ ڀيڻ ريڪا سان ڪيڏيبي انصافي ڪريان ها..“ تيرٿ جو آواز نه هو. ڄڻ ڪنهن غفا مان اهاءُ ٿي آيو. ريڪا جو هڪ ٿميل سڏڪو اپرڪو ڪڪئي چپ ٿي ويو.
ماسيءَ چيو، ”سو ڇا ٿي پوي ها. ويني هجي ها پنهنجي مڙس سان سکي. هيئنئر ته هن ويچاريءَ لاءِبه ڏکيا ڏيهن اچي ويا نه؟... پر منهنجي اها ڳالهه منديءَ تي ٽڪ ڄاڻج ته تنهنجي پٽلي ڏاڍي دکي ٿيندي. “
ماسيءَ کيبانهن کان جهلي تيرٿ چيو، ”اهڙي دعا نه ڪيو. پٽليءَ جي هٿ ۾ شايد اهڙي ليک هئي جنهن ڪري ڪيس منهنجوبه ارواح مليو ته ڄڻڪيءَ جوبه منجهس موهه وجي ڪتو..“
”تيرٿ پٽ، تنهنجي سادگيءَ تان ته مان گهوري وڃان. پر اهو ته سوچ اچ

ٻرو لڳندو.“

ڏکو ساھ ڪڍي ماسيءَ چيو، ”هاڻي تہ هو پڪيپٺئي ويا اڏامي، هاڻي سوچڻو آهي توهانٻنهي کي. حال فلحال تہ ڪيرٻہ پڇي تہ ڇڄجوٻاهر ويل آهن. ريڪا تونٻہ پنهنجي گھر ۾ئي وڃي رھ. اڪيلائيءَ لاءِ پاڙي اوڙي مان ڪا زال پاڻ وٽ سمهاريندي ڪج.“

ڪوڙو کلي تيرٿ چيو، ”ناتلٻہ اهڙا آهن جو ڪورٽ ڪچهريءَ، طلاقٻلاق جو تہ سوالئي نہ ٿو اٿي. فقط ايترو ترسي ها منهنجي نياڻين جون شاديون ٿي وڃن ها..“

اوچتو ماسيءَ وٺي رڙ ڪئي، ”تيرٿ پٽ اڪيون تہ کول... مان تہ ننهن چوٿي ڏکي ويئي آهيان. پٽ هوءَ تہ عشق جي انڌي گھوڙي تي سوار آهي، تون تہ نياڻين جي سوچ..... “

”آڙي ماسي اي اي“ ذرا ڪڙو ٿي وينو تيرٿ، ”مون پنهنجي فئڪٽري هلائيندي اهڙا گھڻا قصا ڏسي ڇڏيا آهن.ٻڌوجهہ زالون چالاڪ مردن جي ڄار ۾ اچي ويندين آهن..“

انڻ ڏينهن ڪانپوءِ تارلڳي، ” تيرٿ مون پنهنجي ڀل محسوس ڪئي آهي. واپس اچڻ ٿي چاهيان. “

تار ڪڍي تيرٿ ڪار کي ڊڪڪيندو ماسيءَ جي گھر اچي پهتو. تار ڏيکاري چيئين، ”ماسي منهنجي تہ حالت اهڙي ٿي ويئي آهي جڻ غم ۽ خوشيءَ جي هڪ وڏي سمنڊ ۾ غوطا پيو کان. “

ماسي ڪا دير تہ تيرٿ جي منهن ۾ئي نهاريندي رهي. ولولو سندس من ۾ٻہ مچي ويو هو شايد، جو هر هر مرڪ ڪري ٿي پيس چپن مان، ڪاڏيءَ ۾ نستي سوچڻ جو وڪڙ پئجي ٿي ويس. آخر پڇيئين، ”تون ڪيس اچڻ ڏيندين گھر

۾؟"

تيرٿ جو اڪيون پريل هيون. ڪنڌ سان ها ڪيائين.

تڏهن وڏيون اکيون ڦاڙي ماسيءَ چيو. "هان؟ مريادا پرشوتم رام وانگر جهنگل ۾ ڪونہ اچليندينس؟"

ڪجهہ دير لاءِ تيرٿ وينو ڪجهہ سوچي رهيو هو. آخر چيائين. "هڪ تہ رام مريادا پرشوتم هو. جو مان ڪين آهيان. مان تہ چوندو آهيان پيار ۾ پاڻ کهڙو ٻيو تہ راماڻ واري زماني کانپوءِ ڪا ترقي اسان انسانن ڪئي آهي ڪين نہ؟ جنگين وقت جيڪي زالون. ڇوڪريون زوريءَ پڄايون وڃن ٿيون. تن کي واپس ملڻ تي گهر ۾ اجهو نہ ملي تہ کهڙو حال ٿئي جيڪر سماج جو..."

پنهنجيٻنهي هٿن ۾ تيرٿ جو منهن جهلي سندس نراڙي چمي ماسيءَ چيو. "الاجي ڪهڙا جادو وڌس جڳڪيءَ جو ههڙي ڍول مڙس کي ڇڏي ويئي هئي..."

تيرٿ ڏنو ماسيءَ جي اکين مان ٽاهہ ٽاهہ ڳوڙها پئي ڳڙيا. تڏهن هٿ سڌو ڪري چيائين. "پار ملڻ جي ليڪ ڏس ڪيڏي صاف آهي منهنجي هٿ ۾ الاجي ڇو تنهن ڏينهن ڏسي ڪين پئي سگهيس."

ماسيءَ جي رنل منهن تيٻيج جي چندرما جهڙي مرڪ جي ليڪ اڀري. چوڻ لڳي. "تون پتليءَ کي اهڙوئي پيار ڪري سگهندين. جهڙو اڳ ڪندو هئين؟"

"ماسي پيار جي سنسار ۾ رڳو ڏيڻ جوئي سلسلو لڪيل آهي. وٺڻ جو حساب ئي ڪونهي. پتليءَ کي پيار ڪرڻ ۾ مونکي خوشي ٿي ملي. هن ۾ گڻ ڪهڙا آهن اوگڻ ڪهڙا آهن اهو سوچڻ وهندس تہ پيار جو ٻلشار جڻ پٽر جي ڇپ وچ ۾ اچڻ تي ڇندبا ڇندبا ٿي ويندو."

وڏيون وڏيون آليون اکيون ڦاڙي ماسيءَ تيرٿ طرف ڏٺو. ڪلي چيڪين، ”اڇي پتلي ته ڏسانس سندس هٿ ۾ پيار ملڻ جون گهٽيون ليڪون آهن. تنهنجي هٿ ۾ ته شايد پيار ڏيڻ جيئي لنبي ليڪ ڏنل آهي. “

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن پتلي سفر ڪري گهر موٽي، تڏهن تيرٿ کي پاسيرو وٺي ماسيءَ چيو، ”مونکي ته عجب ٿو لڳي تنهنجي ڪنوار ته ڪجهه سمجهيئي ڪانه پيئي. هيڏو ٿڪو لڳو آهي مٿس، ”پڇي وڃڻ“ جو ته به ويني ڪلي خوش ٿئي، نود آهي ڪا؟“

تيرٿ وڏو ٺهڪ ڏيئي ڪليو ۽ سڏ ڪيڪين پتليءَ کي. ماسي چپ تي آڱر رکيو وائڙي ٿي ڏسڻ لڳي.

تيرٿ چيو، ”هاڻي پتلي لاهه پنهنجي ماسيءَ جي دل تان پرم. “

پتلي مرڪندي ماسيءَ جي منهن ۾ ڏسندي رهي. تڏهن ماسيءَ چيو، ”ڪهڙو پرم؟“

پتليءَ ڪلي چيو، ”اهو پرم ته مان پنهنجي راجا صاحب کي ڇڏي، جڏڪيءَ سان پڇي ويئي هئس.

ماسيءَ سوچ پريون اکيون کڻي چيو، ”پڇي نه ويئي هئينءَ ؟“

پتليءَ تيرٿ طرف ٿيڏي اک سان ڏسندي چيو، ”هنکي شاڪ ڏيٺو هو مونکي. “

”ڇو؟“ ڏاڍي اتاولائي سان ماسيءَ پڇيو.

”ماسي رڳو ڪم، رڳو ڪم، آخر جيوت به ڪا چيز آهي ڪين نه. گهمڻ ويندو ته دوستن سان، ڇو مان نٿي گهمي سگهان؟ گهر ۾ ايندو ته بزنيس جا فائيل، ڇو گهر ۾ ٿئي ٿرن سان ڪلڻ ڳالهائڻ بزنيس کان وڌيڪ اهم چيز ناهي؟ ساڳيو هاڻي سيٻڌي ٿو، نه ته ڌيان ئي ڪين ڏيندو هو. “

پتليءَ جي هٿ تي ڌڪ ٺڪڪي ڪلندي ماسيءَ چيو، ”ڇوري تون ٻنهه استاد نڪتينءَ. ڀلا هي جو تنهنجي نرانڀ سمجهي ٿي ته ڄڪي تو لاءِ مري ٿو سا ڳالهه ڪيئن آهي؟“

پتليءَ چيو، ”ماسي ڄڪيءَ سان آهي سڪا پريم. اهو پريمڀ آدم جڳاد ڪان دنيا ۾ هلندو آيو آهي. پر مون جهڙي سجاڻ زال ان تان پتي پريم ڪڏهن ڪين قربان ڪندي.“

تڏهن ماسي گهر وڃڻ لاءِ اٿي ڪڙي ٿي. ڏڳهو ساهه ڪٽي چيئين، ”شل سڪيا هجو. پر ڇوڪري حال ته وڏو خطرو ملهه ڳنهي ورتو هوڀچي ويئي آهين جو نئون زمانو آهي. رامچندر جي راڄ وارو زمانو ڪونهي.“

ماءُ نئنا جي مٿي تي هٿ ڦيرڪيءِ پڇڪار ڏيئي چيو، ”تون ڏس اڃا آهين ڪيڏڙي؟ مهراج چوي ٿو وڏي ٿئي ته پوءِ ٻڌائينداسين.“

پر مميءَ اهو ڪوڙ ڳالهايو هو. ڇو ته پوئين صبح جو نئنا سوڙ اندر جاڳندي ٻڌو. سندس ممي پپا کي چئي رهي هئي، ”هيڏانهن اسان جي ڌيءَ کي ته ڏسو ڇا پئي ڪري؟ روز پئي پيڻ کان پڇي، ڀلا هي ڇوڪرو ڪيئن لڳندو؟ ڀلا ڦلاڻو ڇوڪرو توکي مون لاءِ پسند آهي؟ مان ته رڳو پيئي سندس منهن ۾ نهاريان. ڪيئن ٻڌايانس ته مهاراج چوي ٿو، شادي هنجي نصيب ۾ ئي ڪينهي.“

نئنا جو ته رڳو منهن سوڙ جي اندر هو. ڪن ٽِٻاهر ڪيو سڀ ڪجهه ٻڌي رهي هئي سو سوڙ اڇلي ٽپ ڏيئي اٿي کڙي ٿي. وڃي پيءُ کي پاڪي پئي ضد ڪرڻ ويئي، ”ته پپا مهراج ڪوڙو آهي مان شادي ضرور ڪنديس.“

ٻلبل سندس مٿي تي هٿ ڦيرڪي چيو، ”ڇو نه ڪندو منهنجو گل پٽ شادي، پر ٻچا ارڙهين سالين کان اڳ شادي ڪرڻ سرڪاري ڏوهه آهي.“ ڳل تي هٿ رکي ويهي رهي هئنا.

آخر پنج سال به گذريا، پر ڏاڍو ڏيري ڏيري گذريا. نئنا هاڻ چڱي سمجهو ٿي ويئي هئي. ديديءَ گهوٽ سان وڃي گڏ سينگاپور وسڻ هئي. هڪ ڏينهن هڪ جوان ڇوڪرو ديديءَ وٽان پارسل کڻي آيو. هڪ سهڻو ميڪ اپ سيٽ هو. ڇوڪر چيو، ”ديديءَ چيو آهي، هيءُ سيٽ منهنجي پيڻ نئنا کي هٿ ۾ وڃي ڏج.“

سيٽ وٺندي جو نئنا ڇوڪر جي منهن ۾ ڏٺو. ته مورت چيچي ويئي سندس من ۾. سئين سينڌ، گهنگهرالو گهاٽا وار، صاف ڏاڙهي لٽل چهرو، سڀ کان سهڻيون هيون سندس ڪڙيل سورج مکي گلن جهڙيون اکيون، جن سان نئنا

جي اکين ۾ سڌو نهاري چيائين، ”ديديءَ کي لکج ته منهنجي هٿ ۾ ڏنائين سيٺ. “

سيٺ وٺي ٽئنا اکيون ٻئي بند ڪري ڇڏيون. ٿڙندي ٿاٻڙندي ڪنهن طرح پنهنجي ڪمري ۾ پهتي. اکيون کڻي کوليائين ته هر هنڌ اهي نيڻ پيا نظر اچنس، دل ۾ چيائين، ”ظلم ٿيو. “

ٽئنا جو ڀڄڻي ٻازار مان فروٽ وغيره وٺي موٽيو هو. ٽئنا کي سڏي ڏاڍي اتساهه سان مهمان لاءِ ڪجهه ڪپي ٺاهي کڻي اچڻ لاءِ چيائين. مگر اتئي ڪجهه ياد اچي ويس ۽ سندس اتساهه گم ٿي ويو. ٽئنا ٻه پهرين ته ڪجهه دير ڊريسنگ ٽيبل وٽ ڪئين بيٺي رهي جڻ پٿر جي مورتي هئي.

ٻئي ڏينهن پڦيءَ اچي ٽئنا جي مميءَ کي چيو، ”هٿ ته کول“ ۽ يڪدم سندس هٿ مٿان تاڙي وڄائي چيائين، ”ڪلهه جيڪو ڇوڪرو ساجن، تو وٽ ٽئنا لاءِ پارسل کڻي آيو هو، انهيءَ کي ٽئنا پسند آهي ٻس هفتي ۾ شادي ڪري ڇوڪريءَ کي سينگاپور وٺي ويندو.“

ٽئنا ڪان تڪڙ ۾ نڪري ويو، ”۽ هني مون؟“

پڦيءَ اکين جا دوڏا ڦاڙي چيو، ”توهان کي ته ڪو مالڪ سمجهڪي. ڏيتي ليتيءَ جي ٻه ٻول ڪانهي، اجا مٿان ڪپيوَ هني مون. “

ٽئنا جي ته دل ۾ دهل ٿي وڄيا، پڦيءَ جلدي ٻئي هٿ پڪڙي چيائين، ”ساري ساري، دادي ساري.“

ساجن جي ماءُ پيءُ ته ٽئنا کي اڳئي ڏسي ڇڏيو هو ٻس ساجن جي اچڻ جي دير هئي. سوڀن ڏينهن ڪانپوءِ مڱڻو ٻينو، هفتي ڪانپوءِ شادي. ليڪن مڱڻي جي منڊي جو ٽئنا جي نصيب ۾ ڪانه هئي، سو مڱڻي ڏينهن صبح صبح پڦي سهڪندي لڳي. چيائين، ” ساجن جي پيءُ کي ساجن جو سيٺ اچي لڳو آهي ته

ساجن سندس ڌيءَ سان شادي ڪري... “
”اڙي اها تہ ساجن کان ٻہ ٽي سال وڏي آهي. “ پپا چيو.
دادي‌ءَ چيو، ”پر ڇوڪري کي پنهنجي نوڪريءَ جوبہ تہ خيال رکڻو آهي.“
تڏهن ٽئنا جي پپا هٿ ڇنڊي چيو، ”خير سويلڻي ٻچي وياسين، هي ڇوڪرو تہ شادي نہ، سوديبازي ڪرڻ وارن مان ڇڪبو.“
ٽئنا تہ خبرٻڌي وسامي ويئي. ساجن جي گهنگهرالو ڪارن وارن وارو آڪار جو سندس ڇاتي اندر اڪرجي ويو هو، انکي ويتي ڏوراپا ڏيڻ.
ماءُ اچي ٽئنا جي مٿي تي هٿ رکيو چيائين، ”مائٽين واريءَ کي ڇوڪري تي موڪليان. ڏسج تنهنجي لاءِ ڪهڙو نہ اچو ڇوڪرو ٿي ڪٽي اچي.“
مگر ٿيو ائين جو مائٽين واري جيڪا مائٽي ڪٽيائي اهو ڇوڪروبلڪل ڏيڍ اک هو.
ٽئنا جي ماءُ چيس، ”گرياڻي منهنجي سون جهڙيءَ ڌيءَ لاءِ پيلا وڏ وارو ڇوڪرو ڇو ڪٽيائي آهين؟“
گرياڻيءَ ڏادي تپرس مان چيو، ”ائي تون ڇوڪري جي عيب جي ڳالهہ ٿي ڏسين. گهر تہ ڏس اصل لکن تي وڃي ليٽندي...“
ٽئنا کان کل نڪري ويئي. گرياڻيءَ ڇچيو، ”کلين ڇو ٿي؟“
ٽئنا سهمجي ويئي. اکيون هيٺ ڪري چيائين، ”اسان جي پاڙي ۾ هڪ شاهوڪار گهر تي پوليس جي ريڊ پيئي. انهن جيبلڪ جو ناڻوبربر سندن پلنگن جي گاديلن مان نڪتو، جن تي هو ليٽندا هئا. “
تڏهنبلسبہ کلي ڪٽي گرياڻيءَ کي هٿ جوڙيا. چيائين، ”وڏو گهر ڪيئي ڪونہ، جو اسانکي گهٽ نظر سان ڏسي. پوءِ ڊاوا ڪيئن پنهنجي نهرن کي احساس ڪمتري ڏياري ڏنگيندا آهن، سو سڀ ڏسي چڪا آهيون.“

گرياني تہ هلي ويئي. ٽئنا سوچڻ لڳي آخر هيءُ ماڻتي نهڻ جو سچ وري ڪڏهن اپرندو جڏهن مان ساهيڙين کي شاديءَ تي اچڻ لاءِ نوتو ڏيئي سگهنديس.

شڪر اهو ڏينهن جلدي پهچي ويو. گهوٽيتن مگٽي جي گهر ڪئي تڪڙي. ٽئنا جي ماءُ پيءُ جو منهن لٿل هو. پاڻ ۾ سس پس پئي ڪيئون، "جڏهن چوڪريءَ جي نصيب ۾ شادي لکيل ئي ڪانهي تڏهن مگٽو ڪرڻ جو به ڪهڙو ڪم؟ ليڪن ڏني مک ڳيهڻ ڏاڍي مشڪل ڳالهه هئي. آخر مگٽو بہ ٿي ويو تہ شاديءَ جو ڏينهن بہ اچي پهتو. صبح ساڻ ٽئنا جي ماءُ شيناٽ جيءَ جون ڳنڍيون پئي ٻڌيون. پيءُ ڏاڍي چنتا ۾ ٻڏل هو. چيئين، "ٽئنا ڏيءَ اسان قسمت خلاف ڪهاڙي ڪئين آهي." ٽئنا جي دل بہ دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. شاديءَ جون گهڻيون رسمون تہ پوريون ٿي چڪيون هيون. نوگرهي گهري بہ ڪي بہ ٿي ويئي. ٽئنا جي ديدي پڦي وغيره ڏاجو ساهري گهر پهچائي آيون. مگر سس پس ۾ ڳالهه پسرڻ لڳي تہ گهوٽ راجا پڄي ويو آهي.

اچانڪ ٽئنا جي هٿ ۾ هڪ چٺي اچي پيئي. لکيل هو:

"ٽئنا ديوي مونکي معاف ڪج. هن وقت هيءَ شاديءَ مان نٿو ڪري سگهان. منهنجي چاچي جا مونتي لک احسان آهن، پر منهنجي مرضيءَ خلاف شاديءَ جو ايڏو اڏمبر ڪيو ويو آهي جو مان احسانن هيٺيان دٻجي مرڻ لڳو آهيان. ٻن سالن ۾ ايترو ڪجهہ ضرور ڪمائي ايندس، جو توکي سکي رکي سگهان. ان وچ ۾ ڪو مونکان وڌيڪ لائق ور ملئين تہ پلي هلي وڃج. مان ڪوبہ ٻنڌن نٿو وجهڻ چاهيان توتي..."

ماءُ تہ چٺي ٻڌي بيهوش ٿي ويئي.

ٽئنا جون اکيون کلي ويئون. ماءُ کي چيئين، "شادي شادي شادي— الاجي

کهڙي مايا جار ۾ اچي ڦيئي آهيان. ان کان ته ڪا ڊاڪٽر يا پروفيسر ٿيان ها ته چڱو هو. "

گريانيءَ ڀوڪ ڦاڙي چيو، "ڪرن ڪراون آپي آپ" سو ڪير ٿو اچ ڪرمن جي لڪئي کي مٽي. شادي ٿي ويئي ته ڇڏيو ڇوڪريءَ جي ڪرمن ۾ اهوئي مڙس لکيل هو جي وري طلاق ٿي ويئي ته ڇوندا... ڇا ڇوندا تڏهن؟ سنڌ ۾ ڇوڪرين جو لکيو 5 سالن جي عمر ۾ ڪلندو هو. هاڻي پنجويهن سالن ۾ به نٿو کلي – مطلب؟... اجايون آهن سڀ ڳالهيون. اگر جي ڳجهن جي ڪل جو تشين ڪيءَ پوري ڪانهي. ههڙي سٺي سهڻي ڇوڪري، انهن چريڪيءَ جي خيالن سبب گهر ۾ وهاري ڇڏي ڇا؟"

مگر ٺئنا جا ماءُ پيءُ اصل ننو اکر واري وينا.

رکي رکي آخر گريانيءَ چيو، "يلا هڪ ڪم ڪندا، منهنجي ڪالوني وارا منهنجو مٿو کڻي ويا آهن ته ڪا سٺي ماسترياڻي آڻي ڏي، جيڪا ڪالونيءَ جيءَ ٻارن کي سنڌي لکڻ پڙهڻ سيکاري... "

پيءُ ٺئنا کي سڏ ڪري گريانيءَ واري ڳالهه ٻڌائي. ٺئنا يڪدم هڪو ڪٽي. ماءُ به چيو، "جڏهن شادي به لکيل ناهي. ته پلي وڃي ڇوڪري سڪرت جا ڪم ڪري. "

مگر ٿيو ڪئين، جو ٺئنا گريانيءَ واريءَ ڪالونيءَ ۾ سنڌي پڙهڪڻ شروع مس ڪئي ته گريانيءَ وٽ ٺئنا لاءِ به چار مڱڻيون اچي ويئون. آخر هڪ ڏينهن گرياني نانڪ کي ۽ سندس ماءُ پيءُ کي سڏو ٺئنا جي گهر وٺي ڪئي. " چي، ڏسو پيڪي هي نانڪ جا ماءُ پيءُ اچي پنيان پيا اٿر ته ٺئنا جهڙي آدرشي ڇوڪري، اسان کي ڪيئن به وٺي ڏي..."

ٺئنا جا ماءُ پيءُ ته نانڪ تي موهت ٿي پيا ڇو ته جهڙي هئي نانڪ جي سونهن

سوپيا، تهڙو هوس سياءُ. مگر ڪين گرهن جا هٿ لڳل هئا، سو ڏاڍي آنا ڪاني ڪيائون. ليڪن هيڏانهن ڇوڪري وارا به سڀ ڳالهيون گريانيءَ وٽان ٻڌي چڪا هئا. انڪري اصل تياري ڪري آيا هئا. منديءَ به ساڻ آندي هئائون. نانڪ نئنا کي منڊي پهرائي ته نئنا به ڦڙي پيئي. نانڪ جي ماءُ ڪيس ڳلي لائي چيو، ”اڄ کان وٺي هيءَ منهنجي ننهن آهي.“ ڳلي مان سوني زنجير لاهي ڪڍي نئنا کي پاتائين. ٻن ڏينهن ۾ باقاعدي شادي به ٿي گذري.

سڪ سان نئنا گهوٽ سوڌي پيڪن ۾ ستا وارو ڪرڻ آئي. پيءُ کي ڪلي چيائين، ” پپا ڪيترو ڏک ڏنو جنم پتريءَ؟ انکان ته ڏيکاريون ئي نه ها. “

# وچ ڏاڪڻ تي

سهيليءَ چيو، ”تون جيڪر ڪيس روڪين ها انوُ. “ انيلا جي چپن تي مرڪ هٿي ارمان پري.

سهيليءَ چيو، ”تون جيڪر ڪيس هڪ لفطبہ چئين ها تہ هو شادي اصل نہ ڪري ها. “

انوءَ جو سارو وجود ارمان پري ڪل جو مجسموبڻجي پيو. چيائين، ”ڳهيلي آهين تون، اگر ڪنهنجو من ڪنهن تي اچي ٿو وجي تہ ان کيبيا سڀ گل، ڪندا ٿا پاسن.“

سهيليءَ چيو، ”هاڻ تہ هو تو لاءِ اچي پريشان ٿيو آهي. شاديءَ کي تہ اجلبہ سال مس ٿيا اٿس. هو چاهي ٿو تون فون تي ساڻس ڳالهاءِ، ڪٿ نہ ڪندي ڪر سندس فون. “

”فون تي تہ چا، اگر رستي تي منهان منهن گڏجي وجي تبہ نہ ڳالهائيندي سانس. ساجن خود ڇڏي ويو هو مونکي، مون نہ ڇڏيو هو ڪيس. “

سهيلي سوچ ۾ ٻبيني رهي دريءَ کي ٽيڪ ڏيئي، انو هاڻ ڪرسيءَ تي ويهي نہ سگهي. ڏاڍيبي آرامي سان اٿي ڪڙي تيءِ هال ۾ اچ وچ ڪرڻ لڳي.

سهيلي دريءَ جيٻني تي چڙهي ويني. ڪجهہ وقت دريءَ کانٻاهربہ ڏسندي رهي، پوءِٻانهونٻڌي اچ وچ ڪندڙ انوءَ کي يڪ ٽڪ نهاريندي رهي. آخر چيائين، ”ساجن سان ملڻ لاءِ تڙقي تہ تونبہ رهي آهين.“

”مان ”نہ“ ڪٿي ٿي چوان. پر مان سندس گهر ڦٽڻ لاءِ تيار نہ آهيان... تو وانگر. “

”مون وانگر؟ چا مطلب؟..“ سهيليءَ جو منهن ٺاهڻي هٽي ويو. تيز ٿي چيائين،

”ڇا مان پريتم جو گھر ڦٽائڻ لاءِ ھنسان گڏجڻ ٿي چاھيان؟“

”تون چاھين نہ چاھين پر تون پريتم سان گڏج سھين. پوءِ ڏسج ڪيئن ٿو سندس گھر ڦٽي؟“

سھيلي اکيون ڦاڙي انوءَ طرف ڏسڻ لڳي. ”ڇو ڦٽندو پريتم جو گھر؟ ھو تہ زال کي، ڏيءَ کي ٻيي انداز پيار ڪندو آھي.“

ٺٺولي ڪندي انوءَ چيو. ”پر توکي وسارڻ نہ کپي تہ ھوءَ سندس زال آھي ۽ تون سندس سھيلي.“

”سو ڇا؟“

”سو ڇا نہ ڇئہ. پرش ھردوبٽيلئي اھڙيءَ ڪنھن مٿيءَ جو آھي جو ھنکي پنھنجي زال کان وڌ، ڏاري پيار ڪندڙ عورت خوب وڻندي آھي.بس مچلجي پوندو آھي ڏاريءَ عورت جي پيار تي...“

” پريتم اھڙن مچلجندڙ مردن مان ڪونھي... “

”تون اگر چوڻ لڳين تہبرف ڪڏھن توَ تي نہ رجندي آھي تہ مان توکي مڃيندس. پر چوندينءَ مرد زال کي ساھيڙيءَ کان وڌ چاھي ٿو. تہ مان نہ مڃيندس.“

”مطلب ڳالھہ جو تہ. تنھنجو صاف جواب آھي تہ تون ساجن کي فون ڪونہ ڪندينءَ؟... ھو ويچارو ڪٿان چلي ڪري مون وٽ آيو ھو.“

”نہ. چيم تہ نہ. “

”مگر تنھنجي ھن آنڌ مانڌ کي ڏسي مونکي ھو ناٽڪ پريمي ٿو ياد اچي. جيڪو ٽڪيٽ جا پئسا نہ ھجڻ سبب ناٽڪبہ نہ ڏسي سگھندو آھي. پر ناٽڪ پورو ٿئي، اوسٽئين گھربہ نہ وڃي سگھندو آھي..بس ڏاڪڻ تيئي وينو رھندو آھي. “

آگر سان ڇهي ڏٺائين. ”اوهه“ سندس ڌبيل آهه آرسيءَ تي پگهر جو نشان ڪري ڇڏيو....

انو آرسيءَ ڪان لڪئين هٽي جڻ پنهنجي عڪس ڪان پاڻ ڇنايئين. وري وچي ڊريسنگ ٽيبل وٽ ڊڪري لڪڻ ويني. ”اڪين وٽ ڪارا نشان آهن ڪيئن چوان ته اهي پوڙيل دکن جا آهن؟... نه ماڻيل سک جلبه تي سگهندا آهن... سهيليءَ ته لڪئين ئي تي چيو، ساجن سک تبرلبر ايترو ڏنو جو مان ته سمجهندي هيس هاڻي منهنجا اڳين جنمن جا خراب ڪرم ڪٽجي چڪا، هاڻ سکن جا ڏينهن زندگيءَ جي آخر تائين هلندا...

ليڪن مونکي خبرئي ڪانه هئي ته سک پاڻ دک ڪانبه وڌيڪ ترڪٽو عاشق نڪرندو. ساجن ڪيڏو سک ڏنو منهنجو انگ انگ ٺاري ڇڏيائين. سجي سرير تي سک جا نشان هٽي ڇڏيائين. ڪا جاءِ نه ڇڏي هئائين ۽ هڪ ڏينهن اچانڪ سک جي گهڙيءَ جو سماءُ وڻندي چوي ٿو، ”انو دل ٿيندي آهي هڪ اهڙو سرير ڏسان جنهن جو آڪار توڪانبه نندو هجي“

ان مهل مونکي لڳو مان سجي ٿڌي تي ويئي آهيان. ڪٽئيبرف جي ڇپ منهنجي مٿان ڪري پيئي آهي. منهنجا من، ساجن سان جڏئي حقيقت ۾ ان ويل شروع ٿي هئي. شايد اهلبي ترتيب جيوت جا اسان اڪيلي ڏورانهين مڪان ۾ رهندي شروع ڪئي هئي، اهلئي اهڙيءَ ڳالهه لاءِ جوبلبدار هئي.

ڏينهن رات مهل ڪمهل اسان پکين وانگر پيار تي وندبيو. ايڏي تيز رفتار پيار جي نديءَ ڏيري وهي آس پاس ڪيٰلآباد ڪين ڪيو پر چوهه مان مٿن ملڪن جي ننگ ناموس جهڙا قيمتي وڻ فصل سڀ لوڙهي ويئي.

ڇو سمجهيو مون سيني ڪي حقير. ڪيڏو انڌ ويڙهي ويو هو مونکي.

ڪنهنجي پرواهه ڪين ٿي ڪيم. چيم نه منهنجي زندگي ان مهل هڪ ندي

هئي، جا جهرڻي جي رفتار سان پئي وهي... ۽ جبلن تان ڪري هيٺ ڌون وڃي ٺڪاءُ ڪيئين. تڏهن اتي پيو چندن جي ڌونئاڌار جو پورو سنسار.

جنهن ڏينهن ساجن اچي چيو، ”انو مون کي چوڪري ڏسڻ لاءِ ڏاڍو ضد ڪيو ملڻ.“

”ته ڏسي لڌئين؟“ مون چيو.

”هائو.“

”ڪيئن هئي؟“

”چڱي هئي.“

”وٽي توکي؟“

”ها سني آهي.“

”ته.“

”ته ڇا؟“

”ڪجهه نه.“ مان وڏيڪ پاڻ جهلي نه سگهيس اتي ڪڙي ٿيس. ”مونکي مٿي ۾ سور آهي.“

اڙي، هي ڇا؟ ساجن؟ ساجن جيڪو منهنجي مٿي جو سوربڌي مونکي گود ۾ ليٽائي پيار سان پيري ڇڏيندو هو، جيڪو منهنجو سر دٻائيبام مکي ڪيئن به مونکي ٺيڪ ڪرڻ بنا الڳ نه ٿيندو هو، سوبس ”سور لهيئي ته وري ايندس“ چئي هليو ويو. ۽ مان انڌيءَ جيان سندس هٿن کي منهن مٿي تي ڳوليندي رهيس... ڪهڙو آهي هي پرش جاتيءَ جو نندي آڪار لاءِ عشق منشتا جا سڀ ڏاڪا هڪ ڪن ۾ لهيو وڃيو هيٺ پهچي.

هينياهين ڏي هلندڙ ساجن پلجيبه نه سوچجانءِ ته انو هاڻي توکي فون ڪندي. انو توکي آڪاس سمجهي توسان پيار ڪيو هو... مونکي اها خبر

